
جوڀن ڀھريان ڏينھن
شاعري
اشرف پلي

# جوڀن پهريان ڏينهن

(شاعري)

## اشرف پلي

ڪنول پبليڪيشن
قنبر

ڊجيٽل ايڊيشن:
سنڌ سلامت ڪتاب گهر

جوڀن ڀريان ڏينهڙا، ساوڻ گهاٽا مينهن
سارا سارا ڏينهن، جهڙ نہ لهي جيءَ تان.
شيخ اياز

BOOK NO: (82)

• JOBHEN PAHRAYN DHENH
(Poetry) (شاعري)
•ASHRAF PALLI
FIRST EDITION 2012

• جوڀن ڀريان ڏينهن
• اشرف پلي
ڇاپو پهريون: جنوري 2012ع
ٽائيٽل @
ڪمپوزنگ: ڪنول گروپس
ڪنول
پبليڪيشن قنبر

*With All Rights Reserved*
© **KANWAL**
Publication Kamber

ملهہ: 150 روپيا

ارپنا

ارپيم

سنڌ ۽ سنڌ جي ڳوٺن کي............

# سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو ڪتاب نمبر (285) اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. ڪتاب **"جوڀن ڀريان ڏينهن"** خوبصورت شاعر اشرف پليءَ جي شاعريءَ جو مجموعو آهي. اڪبر لغاري لکي ٿو:

"ٿر جو ريگستان چڻ شاعريءَ جو گلستان آهي. حليم باغي، سائينداد ساند، وفا پلي، سردار شاهه، حاجي ساند، جمن دربدر، خطائي ٽيبو ۽ ٻيا ڪوڙ سارا همعصر شاعر اهڙا آهن جن جي شاعري پڙهي ٻت مان سريڙون نڪريو وڃن. انهن سان ئي گڏ، انهن جهڙو ئي پر ٻي حد نرالو، البيلو، نماڻو، مانيٽو، بي نياز ۽ بي پرواهه شاعر اشرف پلي، جنهن جي مٽي عمرڪوٽ جي آوي ۾ پچي راس ٿي ۽ ٿر جي صدين جي عشقيه ۽ لوڪ روايتن جا مٽس ڪيئي رنگ برنگي چٽ چٽيل ٿا ڏسجن."

هي ڪتاب **ڪنول پبليڪيشن قنبر** پاران 2012ع ۾ ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون پياري اشرف پليءَ جا جنهن ڪتاب جي سافٽ ڪاپي موڪلي سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

اوهان سڀني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساڃاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائيءَ جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

# اشرف پلي: دردِ جماليات جو شاعر

هونءَ تہ سڄي سنڌ تخليقي جوهر سان مالا مال آهي پر ٿر جو ريگستان ڄڻ شاعريءَ جو گلستان آهي. حليم باغي، سائينداد ساند، وفا پلي، سردار شاھ، حاجي ساند، جمن دربدر، خطائي ٽيڀو ۽ ٻيا ڪوڙ سارا همعصر شاعر اهڙا آهن جن جي شاعري پڙهي بت مان سريڙون نڪريو وڃن. انهن سان ئي گڏ، انهن جھڙو ئي پر بي حد نرالو، البيلو، نماڻو، مانيٽو، بي نياز ۽ بي پرواھ شاعر اشرف پلي، جنهن جي مٽي عمرڪوٽ جي آوي ۾ پچي راس ٿي ۽ ٿر جي صدين جي عشقيہ ۽ لوڪ روايتن جا مٽس ڪيئي رنگ برنگي چٽ چٽيل ٿا ڏسجن.

اشرف پنھنجي شاعري جي هن ڪتاب "جوڀن پھريان ڏينھن" ڪي ٻن حصن يعني غزل ۽ نظم ۾ ورهايو آهي، تنهن ڪري بھتر آهي تہ سندس شاعريءَ تي تبصرو بہ ٻن ئي ڀاڱن ۾ ڪجي.

غزل جي شاعريءَ ۾ داخليت ڪي وڏي اهميت آهي، جيڪا اشرف ڏاڍي خوبصورتي سان نڀائي آهي. سندس شاعري پڙهندي ڪٿي بہ ائين نٿو لڳي تہ هن شاعري ڪرڻ جي "ڪوشش" ڪئي آهي، شاعري سندس اندر مان ائين اڇل ڪائي نڪتي آهي، جيئن برسات ڪان پوءِ صحرا ۾ حُسن ڦٽي نڪرندو آهي.

بي وڙي او هوا! هن ڪي ڇئجان وڃي،
حال هيٺا اٿئي، تنهنجي رولاڪ جا.

جام جي شام هئي، ناوَ ڪنهن جي پلا،
ڪير پياسو ستو، مئڪدن جي پنيان.

روماني شاعرن وٽ جذبي (emotion) جي شدت هر ڳالھ ڪان وڌيڪ اهم هوندي آهي پر اها شدت جيڪڏهن حد ڪان وڌي وڃي تہ جذبا تہ جذباتيت

(sentimentality) بنجيو پوي، جيڪا شاعري جي نصب العين جي مطابق نہ آهي. جذبي سان گڏ جيڪڏهن فهم بہ هجي ۽ حسنِ بيان بہ هجي تہ ان جي نتيجي ۾ پيدا ٿيندڙ جماليات يقينن حيات بخش هوندي. اشرف وٽ شدتِ جذبات بي پناهہ آهي پرسندس لهجو ڌيمو ۽ شائستہ آهي. سندس جذبا آتش فشان بنجڻ جي بجاءِ ڪنيار جي آوي وانگر اندر ئي اندر ٻرندا رهن ٿا ۽ سندس رَڃ پچائيندا رهن ٿا. ڪيس هڪ ئي ڀڙڪي سان خاڪستر ٿيڻ جي بجاءِ دکندو رهڻ ئي سٺو لڳي ٿو. شايد نينهن جو سبق، لطيف جي نهائين کان ئي پرايو اٿس.

زندگي لهندڙ کو پاڇو ٿي ويئي،
تون وئين هي دل تہ لاشو ٿي ويئي.

آئون اندر جي اونداهي سان ڳالهايان،
مون کان ٿورو هاڻ پري ٿي چانڊوڪي

وڇوڙن جون سيئي گرميون، اسان برسات جيئن پانيون،
سپيئي غم جڏهن جانان، اوهان سان اورجي آيا.

سوز ئي سندس ساز آهي ۽ درد سندس نغمو. هن وٽ لذتِ هجر جو ذائقو نشاطِ وصل کان گهڻو اُتم آهي:

ائين عشق تنهنجو اسان ۾ رهيو،
ڊنل گهر ۾ جيئن ٿي تنهائي رهي،
ملون ۽ سڄو موهہ وڇائي ڇڏيون،
انهيءَ کان چڱو آ، جدائي رهي.

هر صحرائي وانگر سندس مشاهدي جي نگاهہ ڪافي تيز آهي پر مشاهدو ڪرڻ وقت هو منظر کان الڳ رهي تماشبين نٿو بنجي. هو منظر مان پنهنجا من پسند چٽا عڪس ڪٽي انهن کي پنهنجي احساس جي سانچي ۾ ڍالي، نڪور ۽ اڻ ڇهيا خيال ٿو تخليق ڪري:

مونکي آخر تہ وڪري هو وڃڻو پرين،
محل مون ٿي اڏيا، سمنڊ ۾ خاڪ جا.

رات، برسات ۽ ٻيو تنهائي، الا،
ڪوئي جاڳي ٿو ڪا ياد آئي، الا.

پاڻ گدري مثل، وقت ڪاتيءَ جيان،
درد دل ۾ رهيو، گهر جي پاتيءَ جيان.

سمنڊ ۾ خاڪ جا محل، رات، برسات ۽ تنهائي جي تثليث، درد جي گهر پاتي سان تشبيهه، اندر جي اونداهي سان هم ڪلامي، اشرف جي تخليقي تخيل جا چند بي مثال نمونا آهن.

هو روايتي غزل کان پري آهي، ڪيس نہ تہ رقيب جو ڪو الڪو آهي نہ ئي وري واعظ کان گهڻي شڪايت. هو سڀ درد، سڀ غم پاڻ اڪيلي سر ڪٽڻ لاءِ تيار آهي، خنجر جي تيز ڌار سان بہ پاڪر پايو ويٺو آهي. راز و نياز جون ڳالهيون تہ وصل جي پربهار لمحن ۾ ٿينديون آهن، اسان جي شاعر وٽ تہ وڇوڙي جو واسو آهي.

يادن جي اُجي موسم، بچپن ٿو رلي جنهن ۾،
هن ڳوٺ اباڻي تي، ڪو چنڊ ستو آهي.

هو اول ۽ آخر عاشق آهي، محبوب جي هر ادا سان پيار ڪندڙ عاشق. محبوب جي طرفان مليل هر ڪڙائي کي چيت سان چڪڻ وارو شاعر. تنهنڪري سندس شاعري تي بہ عاشقاڻو ۽ روماني رنگ حاوي آهي.

هو ڪٿي بہ ناصح يا مبلغ ٿي غزل جي رنگ ۾ ڀنگ نٿو وجهي. نام نهاد رهبر بنجڻ جي ڪوشش کان ڪوهين ڏور آهي. هو تہ عشق کي امام سمجهي پنهنجو قبلو درست ڪري ٿو. اشرف اهو رنگريز آهي جنهن جماليات جي چولي تي درد جو رنگ چوکو ئي چاڙهيو آهي. سندس شاعري سوز آفريني ۽ دلفريبي جو حسين سنگم آهي:

رات لڙي جو جيئن نري تي چانڊوڪي
مون ۾ ڪيڏو زهر ڀري ٿي چانڊوڪي

مون اوهان جون اکيون، ياد ڏاڍيون ڪيون،
ها جڏهن ڳوٺ تي ماڪ ڇانئي هئي.

ٻولي (diction) بہ شاعر جي تشخص طئہ ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندي آهي. اوپرن ۽ ڳرن لفظن جو استعمال يا خيال جي آهنگ سان مطابقت نہ رکندڙ ٻولي ابلاغ ۾ وڏي رڪاوٽ هوندي آهي. اشرف جي ٻولي ۾ اهڙي ڪا بہ ڳالهہ نہ آهي. سندس ٻولي نج سنڌي، ڪومل احساسن جي ترجمان ۽ مٽيءَ جي خوشبو سان مهڪندڙ آهي:

يادگيريون چڏي چنگ چڙن جون پنيان،
نيڻ چو ٿا وچو بي وڙن جي پنيان.

اسان جي آڱرين آهي، اٽيو تن ڪي وچوڙن ۾،
چنيءَ تي چٽ جيئن ڏينهڙا، اسان ڏي پورجي آيا.

اشرف جو نظم سندس غزل کان بہ وڌيڪ سگهارو آهي. غزل ۾ سندس پيڪر تراشي بيشڪ خوبصورت آهي پر نظم ۾ سندس عڪس تراشي ڪمال جي آهي. سندس عڪس جمالياتي، چٽا ۽ من موهيندڙ آهن. ڀين جا عڪس فوٽو گراف پر هن جا عڪس چرندڙ پرندڙ آهن،ائين جيئن ڪا وڊيو هجي. هو عڪس تراشي جي ذريعي روماني ۽ راحت بخش ڪومل جذبن جي اظهار کان وٺي، رزميہ ۽ حزنيہ ڪيفيتون طاري ڪرڻ جو فن ڄاڻي ٿو.

هن وٽ تشبيهون الاءِ ڪٿان ٿيون اچن، آمد جواهڙو ڪمال اڄڪلهہ گهٽ ڏسڻ ۾ ٿو اچي:

تهان پوءِ وصل جا جاڳا،
مزارن جو اگڻ تي پيا.

ڏکاري ٻار جي کِل جهڙو،
تصور ڳوٺ تنهنجي جو.

هو عڪس نگاري جي ذريعي جمال طرازي سان گڏ، فڪري سوال پڻ اٿاري ٿو:

سڪا خاموش چپڙن جي،
هينئين ۾ حل ٿيل ماٽهو،
اکين ڪي روبرو گهرجي،

سجيل تربت جي مٽي ۾،
مري ۽ مات ٿيندڙ ڪان،
حسين زنده جواني جي،
عجب جهڙي خواهش هئي،
عجب جهڙي.............!

مٿيون تخيل سندس نظم ”عجيب خواهش“ جو ڪلائمڪس آهي، جيڪو بلڪل اشرف جي اندر جو آواز ٿو لڳي، صفا اشرف وانگر، نماڻو، مانو پر گهٽو ڪجهہ پڇندڙ، خاموش للڪار وانگر، پرسڪون طوفان وانگر، گهٽيل ڳوڙهن وانگر۽ ڏڪاري ڪِل وانگر. علامتن جي غلاف ۾ ويڙهيل هي هڪ سوال آهي تہ تربتن ۽ مدفنن تي مٿو ٽيڪيندڙ حسين چهرا، خاڪ ڪان خوابن جي ساپيان جو گهري رهيا آهن؟

”آدو ملاح“ سندس شاهڪار نظم آهي. هي نظم پڙهڻ مهل ائين لڳي ٿو تہ ڪير دل کي مٺ ۾ نپوڙي رهيو آهي. مشرف حڪومت ۾ جڏهن سنڌ جا پيٽ وڪرو ڪيا پئي ويا تن اسان جي شاعر کي جهوري وڌو. آدو ملاح جي سمنڊ سان گفتگو بذاتِ خود درد جو سمنڊ آهي. سڀ ڪجهہ وڃائڻ جو احساس، پيرن هيٺيان زمين کسڪڻ جو احساس، پنهنجي شناخت گم ٿيڻ جو احساس، ڦرجي وڃڻ جو احساس..................

هائو صبح کان اڳ ۾ ايندا،
تڙ تان ڪير تڙڻ لئہ مون کي،
پوڙهاپي ۾ ماريو ويندو،
نئون ڪو محل گهڙڻ لئہ مون کي،

دل ۾ خنجر لهندي محسوس ٿئي ٿو. هي نظم مڪمل طور علامتي ۽ هرحساس دل سنڌي جي دل جي ڪيفيت آهي. سمنڊ جيڪو روزگار جي علامت بہ آهي تہ ماءُ پيءُ وانگر مهربان بہ آهي، محبتن جو منچ (locale) بہ آهي تہ انهن جو گواهہ پڻ. پڪي جيڪي آزادي جي علامت آهن انهن کي مارِي پنهنجي غلامي جي چار ۾ جڪڙي ڇڏيندو:

ماري ڄار اٽيو جو آهي،
پنڇي سو ڦاسائي ويندو،
منهنجا سڀ اباجها مهاڻا،
شهر وڏو ٻڏرڪائي ويندو.

هر سنڌي ماڻهو ڄڻ تہ آدو ملاح آهي ۽ سمنڊ سنڌ آهي. وڏڙن جا هڏڙا اسان جي تاريخ ۽ ماضي آهن، انهن تان هٿ ڪڻڻ جي بي پناهہ اذيت، اسان جي اجتماعي خوف جي علامت، ويڳاڻپ، دربدري جو خوف، ڌرتي ڌڪاڻو ٿيڻ جو انديشو، تهذيب ۽ ترقي جي نالي تي سنڌين جي وسيلن تي قبضو ڪري سنڌ جو تشخص مٽائڻ جي اسڪيم ڪي اشرف مس سان نہ پر خونِ جگر سان لکيو آهي.

سندس نظم ”تحرير“ هڪ قسم جو ڪيڏارو آهي. سنڌ جي تاريخ ۽ تهذيب جو ذڪرڪندي ان تاريخي حقيقت ڏانهن اشارو آهي تہ سنڌ بہ رسمِ منصوري نڀائي آهي. حق، سچ، رواداري ۽ انسانيت لاءِ رت ڏنو آهي، ڪنڌ ڪپايو آهي ۽ شاهہ عنايت جهڙا شهيد ڏنا آهن. امن پسند سنڌ جي تاريخ، سنڌ سان جبر جي تاريخ آهي:

ان ۾ گهوڙن ٽاپولين تي،
ڪاري ڪائي دز اڏي ٿي،
جنهن جي پنيان پاءُ مذهبي،
ڪنهن تي ڪارا هٿ ڪٽن ٿا،
نٽ ڇڄي ٿي، دانهن اُٿي ٿي،
پر نہ انهن جا هٿ ڏڪن ٿا....

سندس نظم ”حويلي“ بہ هڪ درد ڪٿا آهي، انهن جي جيڪي حويلين جي آسائشن هيٺيان ڪنهن راز جيان دٻيل آهن:

ها وڇوڙي جي ڦهر ڪان بيخبر،
هوءَ وصل جون راحتون ڄاڻي نٿي،
۽ ڊسمبر ۾ ٿڌن ٻڪڙن مٿان،

آڳرين جون چاهتون جاڳي نٿي.

حويلين ۾ قيد، محبتن کان وانجهيل وجود، بظاهر هر قسم جو سک چين، پر وڇوڙن جي لذتِ گريہ کان نا آشنا، نہ گلن جي نازڪ لمس مان کو حض حاصل ڪري سگهن، نہ ئي وري آڪاش ۾ ٽڙيل تارن، چانڊوڪي جي ريشم، بادلن مان وسندڙ بوند بوند جي مسحورڪن مهڪ مان لطف اندوز ٿي سگهن. اشرف وٽ زندگيءَ جو جوهر عشق آهي، جيڪو لڳي تہ پوءِ خار بہ گل آهن نہ تہ هر آسائش بي مزه۽ زندگي بي ڪيف آهي.

نظم "روپا ماڙي" ۾ اهو اشارو آهي تہ آزادي جي قيمت ڳري آهي پر سودو مهانگو ناهي. تاريخ شاهد آهي تہ آزادي جي حفاظت لاءِ تلوارءِ ڪيڏارو پيئي ضروري آهن. اشرف تاريخ جو گهرو شعور رکي ٿو جيڪو هر وڏي شاعر لاءِ ضروري آهي. هو سنڌ جي تاريخ جي انهن واقعن جي چونڊ ڪري ٿو جن ۾ ڌرتي ۽ سچ جي حفاظت لاءِ اسان جي وڏڙن وسان ڪونہ گهٽايو. شاندار ماضي جو شعور ان لاءِ بيدار ڪبو آهي تہ حال ۾ ٿڌا ٿي ويل جذبا گرمائجن ۽ ڳهر کي ڳراٽڙي پاتل قوم جا ڪن ڏونڏاڙجن. ماضي کي جيڪڏهن جذبن کي سراڻ ڪرڻ لاءِ استعمال ڪجي تہ نيڪ آهي پر حال جي حقيقتن کان فرار ٿي، ان ۾ پناهہ وٺڻ سنگين قومي ڏوهہ آهي.

نظم "ايڊريس" ۾ اشرف تخيل جي بي ڪران وسعتن جي بلندين کي ڇهيو آهي. پل پل ۾ تبديل ٿيندڙ منظر، بي رحم حقيقتن جي اداس عڪاسي آهن. ٽيشڻ جي تنهائي، اگهاڙو ٻار واٽر تي، سراءِ سامهون ڪو اويلو مسافر، نم جي ڇانوَ ۾ وينل مڙهو، جوان پٽڙن ۽ پڳل چوڙين جو ماتم، وچولو جهنگ، گمنام قبر، صحرا جي خاموشي......هي سڀ اشرف جي ڪرشماتي تخيل، دردمند دل ۽ اندروني نظرجو ڪمال آهي. منظر نگاري کي شاعر اڪثر ڪري جمالياتي ۽ رزميہ تاثر پذيري لاءِ استعمال ڪندا آهن پرهن نظم ۾ اشرف جي عڪس نگاري، ڪارو ڪاري جي ڪڌي رسم جو دلخراش نوحو بہ آهي تہ ڪاري جي قبر تي صفِ ماتم پڻ. هي نظم هر صاحبِ دل کي نہ صرف لرزائڻ

جي طاقت رکي ٿو پر ان کي هن رسم جي مذمت ڪرڻ ۾ اندر ئي اندر ۾ ڳوڙها پيتا ڏيڻ تي پڻ مجبور ڪري ٿو.

”پوڙهي جي نوجوان کي صلاح“ پڻ زبردست نظم آهي. جواني جو ڪيپ ماٽهو کي انڌو بنائي ڇڏيندو آهي، هن کي هر شئي حسين لڳندي آهي. حقيقت جي روشني هن جي بينائي کان ڏور رهي ٿي. جواني جي رومانس ۾ سچائي به سڪندري لڳندي آهي ۽ ڪيس خطرن ۾ به لطف ايندو آهي. ليڪن جڏهن جواني جي وير لهندي آهي ته رعنائي ختم ٿيو وڃي. پوڙهو نوجوان کي صلاح ته ڏئي پيو ليڪن لا شعوري طور تي هو پڇتاءُ جي ڪرب مان به گذري پيو.

اشرف جي هر نظم ۾ نيون تشبيهون، انوکا استعارا، ٻولي جو تخليقي استعمال، معنويت جا تهه، علامتن جو فڪري استعمال ...... سڀ غيرمعمولي آهن. اسان وٽ ڪيترائي وڏا شاعر چوائيندڙ پنهنجي شاعري ۾ مايوس ڪندا آهن ۽ سندن سڄي شاعري پڙهڻ کان پوءِ مس وڃي ڪجهه شعر چڱا ملندا آهن پر انهن جي ابتڙ ڳولڻ سان به اشرف جي شاعري ۾ ڪو سقم ورلي ملندو. فن کان فڪر تائين، صنعت کان تخيل تائين ۽ ٻوليءَ کان لهجي تائين، هر شئي متاثر ڪندڙ آهي.

چوندا آهن ته فن ۾ فنڪار جيترو گهٽ نظر ايندو اوترو بهتر. اشرف يقينن انهيءَ راز کان واقف آهي. هو پنهنجي شعورءِ شاعري جي وچ ۾ نٿو اچي. ڪٿي به اچاترائي نٿو ڏيکاري. اسان جي اڪثر شاعرن وانگر، مان مان يا آئون آئون جهڙو تڇ گردان نٿو ڪري. هن جماليات جو لباس، درد جي سڳڙن سان سبي، پنهنجي انا کي ان ۾ ڍڪي ڇڏيو آهي، هن شاعريءَ کي پنهنجي پاڻ تي ترجيح ڏني آهي ۽ ان تي حاوي ٿيڻ جي ڪوشش نٿو ڪري ڇو ته هو انا جي پنجوڙ ۾ قاتل ڪونهي. هو تي ايس ايليٽ جي چوٽي تي پورو ٿو لهي ته ”شاعري (شاعر جي) ذات جو اظهار نه پر ان کان فرار جو نالو آهي.“ انا ۽ خود پرستي شاعر ۽ قاري جي وچ ۾ فاصلا ۽ رڪاوٽون وڌائي شاعري جي ابلاغ کي سخت نقصان رسائي ٿي. ”پاڻ پرستي“ شاعر جي قد کي وڌائڻ بجاءِ ان کي گهٽائي ٿي.

اشرف جي شاعري کي سرسري طور پڙهي اڳتي وڌڻ ڏکيو ڪم آهي. سندس حسنِ ادائگي ڏاڍو وجهيو ڇڏي ۽ ماڻهو اک ڇنڀ ۾ تخيل جي طلسمي دنيا ۾ پهچيو وڃي. اسان جو شاعر اجا نوعمر آهي تنهنڪري ڪارل يونگ جي چواڻي وانگر هن جي وجود جو حدون وسيع ٿي رهيون آهن. هن عمر ۾ وڪرڻ، ٽٽڻ ۽ پکڙڻ سنو لڳندو آهي ليڪن چاليهن سالن جي عمر کان پوءِ نئين سر جڙڻ ۽ پنهنجي پاڻ کي سميٽڻ جو شعور بيدار ٿيندو آهي. خوشي جي ڳالهه اها آهي تہ سندس "ٽٽڻ" واري دؤر جي شاعري ايتري شاندار آهي تہ سندس "جڙڻ راس ٿيڻ" کان پوءِ واري شاعري يقينن ڪمال جي درجي تي پهچندي. خدا ڪيس حوصلو ڏئي.

اسان جي اسان کي دعا آ اها،
پرين تو پڄاڻان پٿر ٿي وڃون.

## اڪبر لغاري

01-09-2011

# لفظن جي مصوري

بي ترتيب اکر بي نانءُ ٿيندا آهن، پر جڏهن اکرن کي ترتيب ايندي آهي تہ اهي ئي اکر لفظن جي شڪل وٺندا آهن ۽ پوءِ هنن کي صورت ۽ نانءُ ڀئي هوندا آهن، پر هڪڙي ٻي ڳالهہ بہ آهي تہ بي ترتيب لفظ بي جان شين جيان ٿيندا آهن پر جڏهن انهن بي جان لفظن کي ترتيب ڏبي آهي تہ لفظ جاندار ٿي پوندا آهن. پوءِ اهي جاندار لفظ ڪنهن ڪيفيت، ڪنهن احساس، ڪنهن خيال جي شڪل وٺندا آهن. اهي جاندار لفظ انهي ڪيفيت احساس ۽ خيال کي زنده ڪري ڇڏيندا آهن. ترتيب لفظن ۾ روح ڦوڪيندي آهي لفظ وري ڪيفيت احساس ۽ خيال ۾ روح ڦوڪيندا آهن لفظن جي روح ڦوڪڻ سان ڪيفيت، احساس ۽ خيال زنده ٿي پوندا آهن. لفظن جي انهي صورت جي پيرن ۾ جڏهن لئي ۽ ردم جي ڇير ٻڌبي آهي پوءِ انهي ڇير جو ڇمڪو ٻڌندڙ ۽ پڙهندڙ ۾ اها ڪيفيت شدت سان طاري ڪري اهو احساس شدت سان اڀاري ۽ اهو خيال اجان پختو ٿئي تہ اها آهي شاعري. ۽ باڪمال شاعري اها آهي جنهن جي سٽ پڙهندي ئي توهان شدت سان اهو محسوس ڪريو تہ اها سٽ اوهان جي ئي حالت جي ترجماني ڪري ٿي توهان انهي سٽ جي سٽ ۾ ٻڌي ٻاهر نڪرڻ واري وس ۾ نہ هجو، شاعري محسوس ڪرائڻ جو آرٽ آهي انهي ڪري ئي شاعري محبت جيئن آهي شاعري درد جيئن آهي انهي ڪري جيئن توهان محبت کي محسوس ڪريو ٿا ائين شاعري کي بہ محسوس ڪريو جيئن توهان درد کي محسوس ڪريو ٿا ائين شاعري کي بہ محسوس ڪريو،

جڻ ڪو رڇ رڱن ۾ آهي
جنهن جو پانڌ ڇڪي ٿو ڪوئي

هاڻ جيڪڏهن توهان انهن سٽن کي پڙهندوءَ يا ٻڌندو تہ توهان کي هڪڙي لمحي ائين محسوس ٿيندو تہ توهان جي بدن جي بي ترتيب رڳن ۾ رت بدران رڇ جون اهي بي ترتيب ليلون واريون تارو آهن ۽ انهن جو پانڌ ڪوئي ڇڪي رهيو آهي ۽ توهان درد جي شدت مان پنهنجو پاڻ گذرندي محسوس ڪندا ۽ اهي سٽون اوهان کي محسوس ڪرائينديون، اشرف پلي جي هن

ڪتاب ۾ اهڙيون بي شمار سٽون موجود آهن جيڪي محسوس ڪرائين ٿيون.انهن سٽن ۾ اها ست آهي

۽ هن جي شاعريءَ ۾ هڪڙي ٻي ڳالھ به آهي يا ائين ڪٽي چئون تہ اها ڳالھ به هن جي شاعري جو روح آهي. جنهن سان هن جا نظم لفظن مان منظرن ۾ تبديل ٿين ٿا، پڙهجن لفظ ٿا پر خيال منظرن کي محسوس ڪري ٿو. اها لفظن جي مصوري آهي ۽ اهو ئي آرٽ آهي اها ئي لفظن جي مصوري هن کي ٻين کان الڳ ڪري بيهاري ٿي. هڪڙي انگريز ڏاهي جي اهڙي مصوري لاءِ راءِ آهي تہ "تصوريت جاڻ ڪان وڌيڪ بهتر آهي" ۽ هي انهن مان آهي جيڪي لفظن ڪان عقل ۽ دليل جا گهوڙا ڊوڙائڻ وارو ڪم وٺڻ جي بدران هنن ڪان مصوري جو ڪم وٺن ٿا

اگهاڙو ٻار واٽر تي
مڇيون پڪڙڻ جي مسرت سان
صفا ٽمتار تي توڏانهن
نهاري ٿورڙو ڪلندو
وري پو ڪرت پنهنجي ۾
اهومصروف ٿي ويندو

اهين شاعري ڪان مصوري وارو ڪم وٺڻ وارو آرٽ اشرف کي اچي ٿو. هن جي هن ڪتاب ۾ صبوح گوتم جو گيان ڏيندڙ ٻڻجي ٿو وجي اهو گوتم جيڪو پاڻ گيان جو گونا گون دريا ۽ ڏيان جي ڏيمي ندي هو، انهي ئي گوتم جي ڀڪشوئن جو مذهبي ڪتاب ڌم پد به شاعريءَ ۾ آهي. ڪٿي ڪٿي اشرف جي شاعري سنسان ريلوي پليٽ فارم تي ريل جي سيٽي جو آواز بنجي وجي ٿي ۽ هو مڙهي جي نيڻن ۾ صدين جو اتهاس ڏسي ٿي. هن جي شاعريءَ ۾ ڪيترا رنگ آهن جيڪو هر پڙهندڙ کي پاڻ محسوس ڪرٽا آهن،

هو جنهن جو اوتارو سهڻي صادق سائين جي قبي ڪان چند قدمن جي فاصلي تي آهي ۽ ايتري ئي فاصلي تي وفا ۽ ڪريم پلي به آهن. ۽ هن راتين جا اوجاڳا تہ روحل جي ساندن سان گڏجي به ڪٽيا آهن پر هن جي واٽ پنهنجي آهي ۽ هن جو پنڌ به پنهنجو آهي. باقي سهڻي صادق سائين جي قبي جون

ڪيفيتون اوهان کي هن جي سٽن ۾ ساهه کڻنديون ڪتي به ڪونه محسوس ٿينديون، نه ئي ڪريم جي ڪافي جو رنگ آهي.

هي هن جي شاعريءَ جو پهريون ڪتاب آهي ۽ پيار جو پنڌ ته اکين سان ئي ڪرڻو آهي پوءِ انهي پنڌ ۾ هڪڙي وک به وڏي معنيٰ آهي، هن جي هي پهرين وک آهي ۽ اهو به پيار مان ڪنيل وک، پاڻ جي پنهنجي منهن ويهي ماٺ واندڪائي ۽ اڪيلائي ساڻ ڪري سچي دل سان هن جي خيال جي خيمي ۾ داخل ٿينداسين ۽ ڪيفيتن احساسن ۽ محسوسات جي مئي ڏوڪينداسين ته اکيون منظرن جا مزا ضرور ماڻينديون باقي اجان پنڌ گهڻو آهي ۽ واٽ تي ويساهين به ڪائٽي ڪونهي.

## خالد ڪنيار

نهتو مهراڻو ٽر

# دل جي ڳالهه

آئون بنيادي طور تي هڪ ڳوٺاڻو آهيان، ان ڪري ڳوٺاڻي فطرت منهنجي مزاجن تي پوري ريت ڇانيل رهي آهي، مون ڳوٺن جا اگهور ننڍ ستل ٻالڪ جهڙا اثر ڏٺا آهن جن ۾ ٻاڪ جي ڦٽي ڏرتي جي ڳوري ڇهري تان اونده جا ڪارا ذلف هٽائيندي آهي ۽ پوءِ اُهي منظر منهنجي شاعري ۾ بنا ڪنهن مبالغہ آرائين جي لهي آيا آهن.

هن پون جي ڳوري ڇهري تان
اونده هٽائي ٻاڪ ڦٽي
تون ڳاءِ ڪٽي..........

ڳوٺ، جن ۾ ٽالهين جي وڏن وڻن تان پکي "لڪڙي جل بني ڪوئلا" جهڙيون سوڳ ڀريون لاتيون ٽا لنون ۽ توريئي جي ڪيتن مان ڏرتي نوَ ورني ٿي پياسي، انهن ڳوٺن جي خاموش سانجهين ۾ مون پنهنجي شاعريءَ جا ڪردار ڳولي لڌا آهن. سياري جي سرد راتين ۾ مچ تي هٿ سيڪيندڙ جهونا ڪردار، جيڪي پنهنجي عمر جا عشق ٻڌائيندي زمان ۽ مڪان جون سرحدون لتاڙي ٿا وڃن. جيڪي جواني کي ڪاري رات ۽ پيريءَ کي اڇو ڏينهن چئي پڇتاءَ جو احساس اڀارڻ چاهيندا آهن پر بيخودي مان "ڪاري رات" جي لذتن تي ڳالهائيندا رهندا آهن ۽ اهي ڪردار جن جي سينن ۾ بغاوت جي باهہ ڀڙڪا ٿي کائي ۽ ڏرتي جو عشق محوِ رقص آهي.

مون وٽ منهنجي شاعريءَ لاءِ ڪا بہ واضح جسٽيفڪيشن ناهي، آئون بس لکندو رهيو آهيان بنان ساهي جي ۽ بنان فل اسٽاپ جي، پر ايترو ضرور چوندس تہ شيخ اياز کي سنڌي شاعرن کان جيڪا شڪايت هئي تہ اهي مطالعو نٿا ڪن، مون ڏرتيءَ جي ان قدآور تخليقار جي انهي شڪايت کي دور ڪندي هي سئو سوا شعر لکڻ لاءِ ان کان ڏهوڻا ڪتاب پڙهيا آهن، ان باوجود بہ منهنجي شاعريءَ ۾ جيڪڏهن ڪا فڪري اٽاٽ يا مطالعاتي مشاهداتي ڪوٽ رهجي ويئي آهي تہ اها منهنجي ڪم عقلي چئبي، مون کي ياد ٿو اچي تہ شروع ۾ مون وٽ لکڻ لاءِ ڪو واضح سبب موجود نہ هو سواءِ "هن" جي، جيڪا مون کي بي

سبب گهڻو وڻندي هئي، پر هاڻ مون کي تخليقي طور متحرڪ رکڻ لاءِ سنڌ جون حالتون، لطيف جي شاعري ۽ روحل واءِ جو ادبي ماحول واضح سبب آهن.

منهنجي شاعري مون کي وڻ جي گهاٽي ڇانو جهڙن ماڻهن سان ملايو آهي، ماما جمن، سردار شاهه اڪبر لغاري ۽ مير حسن آريسر منهنجا اهي محسن آهن، جن کان مون گهڻو ڪجهه سکيو آهي، انهن جي شفقت ۽ محبت مون کي هميشه لکڻ لاءِ اتساهيو آهي، ان کان سوا شاعري مون کي ڪوڙ سارا دوست ڏنا آهن، جن جا نالا لکان ته هوند ڪيترائي صفحا والارجي وڃن پر ها انور ساند جو نالو لکڻ ان ڪري به ضروري ٿو سمجهان جو هو مقبول هاليپوٽو ۽ قمر راڄڙ غمِ جانان کان غمِ دوران تائين منهنجي پاڇي جيان مون سان گڏ رهيا آهن.

منهنجي هن ڪتاب ۾ جيتوڻيڪ ڪيئي اوڻايون به ٿي سگهن ٿيون پر ان باوجود هي ڪتاب اوهان جي هٿن تائين پهچائيندي آئون تمام گهڻي سرهائي محسوس ڪري رهيو آهيان. آخر ۾ آئون روايتن اهو لکڻ نٿو چاهيان ته فلاڻا فلاڻا دوست مون سان گڏ نه هجن ها ته آئون هي ڪتاب ڇپائي نه سگهان ها، ها پر اهو سچ آهي ته منهنجي پاءُ اڪبر پلي، پرويز ۽ پليڊنو ساند جو ڀرپور سهڪار نه هجي ها ۽ منهنجو استاد سائين مير مجاهد اگر ٽائيم نه ڏي ها ته آئون هي ڪتاب سولائي سان نه ڇپائي سگهان ها.

ساٿ سلامت

**اشرف پلي**
عمرڪوٽ
cell: 0346_6956636

## حمد

من اندر ۾ تون ئي تون
دل جي گهر ۾ تون ئي تون

رات ڦڳڻ جي تارا تارا
چنڊ سندر ۾ تون ئي تون

ڪينجهر تولئہ آرس موڙي
ڪجلاسر ۾ تون ئي تون

بوندون بوندون تنهنجون مرڪون
اُڀ ڪکر ۾ تون ئي تون

تو بن منهنجا شعر اڌورا
هر ڪنهن شعر ۾ تون ئي تون

# غزل



اڄ ٻہ ڊوڙي پيو منهنجو ٻچپڻ سڪي

واءُ، خوشبوءِ ڪلينءَ پوپٽن جي پٺيان

عشق ۾ انجام ساريندي رهي
دل چپن جا جام ساريندي رهي

تنهنجي نيڻن مان پيئڻ جو مون سکيو
مئڪدي جي شام ساريندي رهي

بارشن جي مند جهڙي ڳوٺ ۾
ڪائي سيتا رام ساريندي رهي

بيوفائي جو جهليو دامن اوهان
هوءَ تہ هر الزام ساريندي رهي

تو ڪويتا جا سنيها ٿي مُڪا
سنڌ، تو ڪي *شيام ساريندي رهي

شهر جي هن شور ۾ ڪا ڇوڪري
ڳوٺ جو آرام ساريندي رهي

رات ڀر پاسا ورائي چاندني
شخص ڪو گمنام ساريندي رهي

تون نہ آئين هوءَ لکي "اشرف پلي"
هٿ تري تي نام ساريندي رهي

* نارائڻ شيام، هند جو سنڌي شاعر

وري ڪجھ يادگيرين جا سٽا ساڪورجي آيا
پتنگا نيڻ ٿي پنھنجا شمع تان گھورجي آيا

اسان جي آڱرين آھي اُٽيو تن ڪي وڇوڙن ۾
چُنيءَ تي چٽ جيئن ڏينھڙا اسان ڏي پورجي آيا

اسان سمجھيو تڏھن جانان ڪُليا ھِن ڪلپ سپ تنھنجا
اکين جي اُڀ تي تارا جڏھن گھنگھورجي آيا

نڪا ھئي سئي، نڪو ساڪو، نہ ئي تو ساڻ ڪو ناتو
پِلا پو ڇو سڀ‌ڳا دل جا اوھان ڏي سورجي آيا

رکيو ڪنھن يار اکڙين ۾، دريا جو آر اکڙين ۾
تڏھن ئي خواب جا خيما ھُتان ڪان جھورجي آيا

وڇوڙن جون سيئي گرميون اسان برسات جيئن ڀانيون
سپيئي غم جڏھن جانان اوھان سان اورجي آيا

چنبڙيندو چڙيندو رهيو وقت توکي
نئين سر اڏيندو رهيو وقت توکي

اي مومل! پلا منڊ ڪهڙو منڊيئي
صدين کان سليندو رهيو وقت توکي

چليو من تي آتڻ ۾ چرخي جيان
ڪپهہ جيئن ڪتيندو رهيو وقت توکي

تتل اُس جهڙي زماني ۾ مون تان
جُهلن جيئن جَهليندو رهيو وقت توکي

تون آئين عبادت ۾ ايندڙ خلل جيئن
تي ”لاحُول“ ڏڪيندو رهيو وقت توکي

خفن روز دل جي تي ميٺي پَٽي پر
چٽن جيئن چٽيندو رهيو وقت توکي

نهائين نہ نينهن جي مليئي مهل تي
گهڙي جيئن گهڙيندو رهيو وقت توکي

رات، برسات ۽ پيو تنهائي الا
ڪوئي جاڳي ٿو، ڪا ياد آئي الا

ڪنهنجي وارن جون راتيون ۽ رخ جا صبوح
سي وسارڻ جي ڪوشش اجائي الا

هن جي جوڙن تي جاڳڻ جو سپنو ڪٺي
رات جاڳي آ اڄ ڀي ڪُتائي الا

ياد دل جي هٽن ۾ سڪي جيئن هئي
پر نہ دل سا وڃائي، ڪپائي الا

ڳچ الزام، طعنا، اڌورا نظم،
پوري جيون جي هي آ ڪمائي الا

هن اُجاري هينئين ڪا ڪٺي پيار جي
ها نہ پائي، نہ پائي، نہ پائي الا

هو جو اشرف وڃي ٿو انهي ڳوٺ ڏي
اڄ بہ ايندو نئين چوٽ کائي الا

هي چهرا سج ڪني جهڙا حسن جي انتها آهي
ڳلي رولاڪ پيرن جي سراپا دلربا آهي

تنهائي جي وهاٽي تي رکي مان ڪنڌ ڳوليان پيو
حسين خوابن جي ميلي ۾ وڃايو مون خدا آهي

لوهارڻ جو ڀڳل بولو لڳي پيو چنڊ ٽيشن تان
۽ وڄندڙ ”آرگن“ ۾ جڻ يسوع تنهنجي صدا آهي

ڀنڀوليا ڀونئر ڀي آيا ڀڳا موتيي جي مکڙين تي
چيو هُن چيٽ ۾ واهڻ مصر جي اپسرا آهي

”قلعي جا برج لوڏڻ جي انهي ۾ سگهه ساڳي آ“
ڀلي هي گيت پوپٽ جي پرن جي ماجرا آهي

اکين آسيس ڇا ماٽي هينئين کي راحتون کهڙيون
انين پن ڇڻ وهاٽي آ، اسان کان هو جدا آهي

رنگ ميٽي چڙهيئي دل جي افلاڪ جا
پوءِ در هئا کُليا دردِ ادراڪ جا

تنهنجي ويڙهي مان ويندي اسان جانِ جان
چند قصا کنيا حسنِ اخلاق جا

هي جو تجلو ٿيو چئو تہ ڪنوٽيون ڪِجيون
يا تہ چوڙا ڇُريا منهنجي حسناڪ جا

مون کي آخر تہ وڪري هو وڃڻو پرين
محل مون ٿي اڏيا سمنڊ ۾ خاڪ جا

تو ڀڃاٽان ڏٺم ڳوٺ ويران هو
ڇا تہ ڀرين هيا رنگ هن ڪاڪ جا

تون نہ آئين مگر عمر ڀر او پرين
در کُليا ئي رهيا دل جي اوطاق جا

ڏينهن ٻہ تنهن کي ڏنگ هڻي ٿو
رات ٻہ کھڙي ڪام ڪکي جي

هلڪا هلڪا سُر پکين جا
ڌيمي ڌيمي وهڪ ندي جي

ڪالھہ ٻہ منهنجي پير ڏئي گذريا
گيت هوا جا دز متي جي

اُپ ڪپي تي پنڌ آڳاهون
ساروڻين ۾ سينڌ سکي جي

پاڻي جي ڪا سرحد ڪونهي
ٿيندي ناهي واٽ پکي جي

هونئن تہ هن کي ديس ٻہ آهي
پوءِ ٻہ ملاح کي ميخ مڇي جي

يادگيريون ڇڏي ڇنگ ڇڙن جون پٽيان
نيڻ ڇو ٿا وڃو بي وڙن جي پٽيان

جام جي شام هئي نانءُ ڪنهن جي پيالا
ڪير پياسا ستا مئڪدن جي پٽيان

مان بہ تنهنجي مٿان ايئن مرندو رهيس
جيئن پوپٽ مئا خوشبوئن جي پٽيان

پياس پلجي ويا هوءَ اجارا هرڻ
تير ماري تڪيو جو وڻن جي پٽيان

ڳوٺ جي ڳهر ڪي شور ٿوڙي ڇڏيو
ڪو ڇريو هو لڳل ٻارڙن جي پٽيان

اڄ بہ ڊوڙي پيو منهنجو بچپن سڪي
واءُ، خوشبو، ڪلين، پوپٽن جي پٽيان

ڪوڙ يادون کڻي مون ڏنو ريل مان
سج لٿو پي تڏهن ڳوٺڙن جي پٽيان

ڪو راڄ ڪري مون ۾
ٿو رنگ ڀري مون ۾

جيئن باھ ڪپھ جي آ
ائين عشق ٻري مون ۾

تون آءُ هلي ڍوليا
ڪو واءُ وري مون ۾

زخمن جي جزيري سان
ٿو درد پري مون ۾

پيو حال پڇي مون کان
ڪو مڱ ڏري مون ۾

هُن ۾ ٿو ٻُڏان آئون
هُو شخص تري مون ۾

اي چنڊ! پئو اُيري
پئي رات ٺري مون ۾.

زندگي لهندڙ ڪو پاڇو ٿي وئي
تون وئين هي دل تہ لاشو ٿي وئي

ڪنهن جواني جا جو اُپٽيا مٺ مون
هر گهڙي خوشبو جو واسو ٿي وئي

دل تہ ڪنهن جوڳي جي گبري جيئن هئي
چار ڏاڏن لئہ تماشو ٿي وئي

ولهہ ۾ وارن کي ناهي ويڙهبو
ايتري اڻچاڻ هوءَ ڇو ٿي وئي

مون تصور ۾ رکي توکي، ڏٺو،
هر ڏسا تنهنجو ئي پاسو ٿي وئي.

ڪلندي ڏاڍا سوريا آهن
خواب چني تي پوريا آهن

ويل ڀني جي تنهنجا ڳل
ڏاڙهون ڇڻ ته ڪڪوريا آهن

تنهنجي خوشبو ڏار نه ٽئي ٽي
ڏيهه سمورا ڏوريا آهن

توڪان پوءِ اکين ۾ منهنجي
موريسر ڇڻ موريا آهن

آوي جيئن ٻٽياسين ”مرشد“
حال نه ڪنهن سان اوريا آهن

هيڪلي ناوَ نوري جي هئي ڇر مٿان
چنڊ کي منڊ هو رات ڪينجهر مٿان

ايئن دودي جي تلوار هوندي هئي
ٻانهن تو آ رکي جيئن گاگهر مٿان

رات پنهنجي اکين خوب پيتو پرين
زهر هاريو هيو تو جو ڪاڳر مٿان

تنهنجي آمد تي دلڪش صُبح ٿو ڪلي
گل اُڇلي پيو اڄ تہ امبر مٿان

انب لامون، صحن ۾ چري چوڪري
ياد آئي اُها اڄ وري چوڪري

پنيءَ ويل واهڻ ڪٿوري ٿيو
ڇٽي خوشبوئن جي پري چوڪري

ڪڏهن هوءَ ٿپهري ٻٽي جون جي
ڪڏهن برف وانگر ڳري چوڪري

جڏهن جنڊ ڦيريو وڇوڙي جو ويو
تڏهن آن وانگر ڏري چوڪري

لڪين چنڊ گج جي ٽڪن ۾ رکي
انڌيرن ۾ رهي ٿي ٿري چوڪري

جڳ سمورو جوڳي ناهي، پنبڻ پوڙها سوچيندا
اک مان نڪرڻ ڪان اڳ هاٽي پنهنجا ڳوڙها سوچيندا

توڙي جر تي ڏيئا آهن ها پر تنهنجا ليئا ناهن
ٻُور پتڻ جو ساڳيو ناهي ساحل هوڙها سوچيندا

سانجهي ويلي ٻڙ تي پنڇي، اڄ نہ آهن، ڪالهہ هيا
هاءِ وڇوڙا توتي روئي وچڙيل جوڙا سوچيندا

هي بہ تہ ڪنهنجي ڪونج ڳچي جو هار هيا سينگار هيا
چڇريل گل جون ڪليون ميڙي هٿ ـ مروڙا سوچيندا

چانڊوڪي جي چادر اوڍي چنڊ نہ ايندين چا ٿي پيو
هاڻ نہ تولئہ ويڙهي جا هي رستا سوڙها سوچيندا

يادن جي وڇاڻي تي ڪو چنڊ ستو آهي
ڪنهن خواب پراڻي تي ڪو چنڊ ستو آهي

جلاد جي اک مان ڀي هڪ لڙڪ پيو ٽپڪي
خاموش جو گهاڻي تي ڪو چنڊ ستو آهي

يادن جي اچي موسم، ٻچپن ٿو رلي جنهن ۾
هُن ڳوٺ اباڻي تي ڪو چنڊ ستو آهي

اي ساهه هليو وڃ تون ڇُرپُر نه ٿئي ڪائي
ٻانهن جي وهاڻي تي ڪو چنڊ ستو آهي

هن موت جي مام کان اڳتي
چاهي عمرِ تمام کان اڳتي؟

زندگي ڪيتري سجي هوندي!
تنهنجي يادن جي شام کان اڳتي

ترڪِ دنيا جون خواهشون جاڳيون
عشق تنهنجي اڏام کان اڳتي

ڪجھ نہ منهنجي قلم لکيو آهي
پنهنجي محبوبِ نام کان اڳتي

جام و مئہ جون نہ لذتون آهن
تنهنجي نيڻن جي جام کان اڳتي

عشقِ بنواس ۾ خدا ڄاڻي
پنهنجو نالو آ رام کان اڳتي

ٿيا خواب گهاٽا، پٽر ٿي وڃون
هلي آ او راڻا، پٽر ٿي وڃون

اسان جي اسان کي دعا آ اها
پرين تو پڄاڻان، پٽر ٿي وڃون

وساري اکيون ۽ وساري اهي
سيئي گس پراڻا، پٽر ٿي وڃون

جدا ناز نوري جا ٿين تهان اڳي
چڱو آ مهاڻا، پٽر ٿي وڃون

اڙي چيٽ تنهنجي سڙي پيٽ ۾
سيئي سنگ وڪاڻا، پٽر ٿي وڃون

ستارا، ڪهڪشائون ۽ ڪتين جي ماٺ سوچي ٿي
”ڪٿي پڳوان تون آهين“ ڪندي هُو پاٺ سوچي ٿي

نہ ٿيو جي پرجهلو ڪوئي، ٿڪي ويندس اجهامي مان
پرهہ ڪيڏي پري آهي، ڏيئي جي لاٽ سوچي ٿي

چميو ٿي جن عقيدت سان، هجان جڙ ڪو مقدس مان
ويا اڄ چپ سي ڪاڏي، سندم لِلاٽ سوچي ٿي

ها ٿيندي سنڌ ڪا ڇاتي، حياتي رقص ۾ هوندي
وصل جي مند ڳهريل تي، سڪي اڳواٽ سوچي ٿي

ٻتن ۾ حرڪتون ايندين، هوا ڪي ناز ٿي پوندو
جڏهن هوءَ مرڪندي ايندي، مندر جي واٽ سوچي ٿي

سکي جي شهر ۾ ڏيئا ٿي ٻريا
لڳو چڙ امبر ۾ ڏيئا ٿي ٻريا

اُتي چنڊ آرس ڀڳو پي پرين
ڪتين جي تہ ڪر ۾ ڏيئا ٿي ٻريا

تماچي سندو محل اوندھ هيو
۽ نوري جي گهر ۾ ڏيئا ٿي ٻريا

ٻڌائي اُهي قوم تنهنجي جا هٿا
جنين جي پگهر ۾ ڏيئا ٿي ٻريا

الا رات نردئي هئي طوفان جي
پراڻي مندر ۾ ڏيئا ٿي ٻريا

گلابي بدن پي ندي ۾ جهليو
لڳو چڙ تہ ڇَر ۾ ڏيئا ٿي ٻريا

لڙي رات خيمي ۾ جانچيو اسان
ڏيئي جي تہ ڀر ۾ ڏيئا ٿي ٻريا

محبت خدائي تي ڇانئي رهي
سدا سنڌ رهي ۽ ڀِٽائي رهي

سدا تون اکين جي گهرن ۾ کِلين
سدا ڳوٺ تنهنجو سُهائي رهي

سهاڳڻ تي جيئن ٿي رهي ٻانڌڻي
ائين شال توتي خدائي رهي

پلي چنڊ ان تي ڪري راندڙيون
ستارن جي چادر وڇائي رهي

تڙن تان نگاهون تڙيو غير جون
پتڻ تي نہ ڪا اک پرائي رهي

ائين عشق تنهنجو اسان ۾ رهيو
ڊنل گهر ۾ جيئن ٿي تنهائي رهي

مِلون ۽ سڄو موھ وڃائي ڇڏيون
انهي کان ڇڱو آ جدائي رهي

دل جڏهن ڀي سکي مسڪرائي هئي
ڪا قضا بي چئي مون ڏي آئي هئي

نيڻ ٻوٽي ٻه تو هٿ مون تي رکيو
عشق تنهنجي جي هي انتها ئي هئي

رات تارن ڪڙي داد ويئي ڏنو
چا چُني واهُ ۾ تو اڏائي هئي

روز احساس جا جام مون ۾ ڇُليا
ڪيئن چئجي تہ هي ڪا جدائي هئي

مون اوهان جون اکيون ياد ڏاڍيون ڪيون
ها جڏهن ٻوٽ تي ماڪ ڇانئي هئي

ڪيئن ڳراٽي وجهي دوستن هو چيو
تنهنجي هوندي بہ هوءَ اڄ پرائي هئي

چنڊ بنجي رهين شهر سنسان تي
هاڻ ولهار ٿي ڳوٺ ويران تي

تو پئي پوڇيو پٽر ۾ مون انسان کي
شڪ پو پيي ڪيئي منهنجي ايمان تي

رات مون کي ٻڌا آهي ڪنهن جي چتا؟
چنڊ جنهن لئہ ڪڙو آهي شمشان تي

تو سوا شام جو جام اٿڪيو پوي
شال موٽي اچين جام جي جهان تي

دل جا قاتل ٻڌا ڪالھہ ڪنهن کي ڪُٽئي
اڄ اٿئي آهيڙي ڪير نيشان تي؟

اوهان سان ئي منهنجي سڃاڻپ هئي
اها ئي تہ دل جي اياڻپ هئي

وٺي گود ٿڦڪيون ڏنيون تو مگر
اڪين کي سمهڻ جي نہ عادت هئي

پنا نيڻ ۾ چپ مُرڪڻ لڳا
عجب زندگي سان محبت هئي

وهاڻي مان وارن جي خوشبو ملي
وصل جي اها ئي وضاحت هئي

پتڻ جيئن ڪيا پُور ساجن مگر
اسان ۾ ٻڏڻ جي نہ همٿ هئي

رڳو چڙ مُلان کان ٿي آئي گهڻي
نہ مسجد سان ڪائي بغاوت هئي

راتِ ڪي قهر جو نشو آهي
ڇا تہ هن شهر جو نشو آهي

مان وڃان ٿو ديوداسي لئہ
يا تہ مندر جو نشو آهي

پاڻ لاءِ حرام ناهي هي
يار جي شهر جو نشو آهي

پاڻ دنيا کي جو وساريون پيا
هُن جي پاڪر جو نشو آهي

پاڻ گدري مثل وقت ڪاتي جيان
درد دل ۾ رهيو گهر جي ڀاتي جيان

تنهنجي ساهن سندي مئڪشي مون ڪئي
ڇانئجي تون وئين مڌ ماتي جيان

زهر ٿينديون ويون اج به چاندوڪيون
اج به دل کي وڍيو تانگهه ڪاتي جيان

تنهنجي آنچل ۾ ٿئي ننڊ رولي وريا
نيڻ پاگل هيا دل اڄاتي جيان

ڪيترين ئي صدين نيڻ ٻوٽي ڇڏيا
درد پر آ اُيو تنهنجي ڇاتي جيان

تو جو وار سُڪايا آهن
ڪيڏا پوپٽ آيا آهن

هر ڪا چوٽي چندن واسي
خوشبوءَ ڪيت سجايا آهن

سنڌو جهڙا نيڻ ڪٽي تو
ڪيڏا گهاتو گهايا آهن

تنهنجا ٻانهن_هار اسان لئه
سڀ ڪان اوچي مايا آهن

ڏيئا ڏيئا واٽون ٽي پيون
تو جو نيڻ وڇايا آهن

هرڪا ڇيل ڇٻيلي ڳائي
ڪاٽي گيت اجايا آهن

نيڻ تفسيرون لکن ٿا عشق جون
هانوَ ڪاغذ ڪوئي ڪورو ٿو لڳي

هُن جو آنچل پيو جهُلي نوري مٿان
تنهن سمي ڪينجهر هندورو ٿو لڳي

عاشقي جي ريت ڪجھ اهڙي ئي آ
سر ڪپائڻ پيي تہ ٿورو ٿو لڳي

جو بتن کي اپسرائون پيو چوي
ڪيترو سو شخص پورو ٿو لڳي

اي چريون چانڊوڪيون ڇئجو وچي
تو سوا ”اشرف“ تہ ڇورو ٿو لڳي

اٺين ٿيو هو پيار سان ٻڪجي وڃڻ
ول جو جيئن ٿار سان ٻڪجي وڃڻ

بارشن جي مند پيليو هو ڪڏهن
درد ڏي ٿو سار سان ٻڪجي وڃڻ

اوچتو وڪري وڃڻ جو هو سبب
گل ڪان پو خار سان ٻڪجي وڃڻ

باک ويلي ڏنڊ تي آيو تمر
آ تنبوري تار سان ٻڪجي وڃڻ

بي پناھ ڪنهن پيار جو احساس هو
تنهنجو جهونا ٻار سان ٻڪجي وڃڻ

ننڊ لئہ ۽ چين لئہ گولي ٻٽيو
رات جو ڪنهن سار سان ٻڪجي وڃڻ

مشغلو ”اشرف“ جو آ مقتل ڇيو
هر خنجر جي ڌار سان ٻڪجي وڃڻ

اُپ جيئن جيئن اُهاءِ ٿيندو ويو
تنهنجي اکڙين سان سرچاءِ ٿيندو ويو

تيز طوفان پنڇين جا پر ٿي پٽيا
وڻ جو پن پن ٿي پڙلاءُ ٿيندو ويو

منهنجي ڪمري ۾ خوشبوءِ تنهنجي تڪيل
ڪوئي ان ڪان ٿي آگاهه ٿيندو ويو

مينهن ڌرتي تي قدمن جي آهٽ لڳو
جسم سارو ٿي جڻ تاهه ٿيندو ويو

تون جڏهن سچ وانگي ڪڙي ٿي وئين
روح عيسيٰ جي ساڃاهه ٿيندو ويو

تنهنجو نالو وٺڻ کان اڳي پيس سمهي
مون کان ڪيڏو نہ گناهه ٿيندو ويو

ڪوهن جا ڏول خوشبو، گاگهر ڪي گهير تنهنجا
وڻ وڻ ۾ واس تنهنجو، وڻ وڻ سان وير تنهنجا

تون جا ڏيئي ڏيئي سان، هر ڪنهن دري دُکين ٿي
ڇو لڳ پو وساڻا، سنجها جي وير تنهنجا

تنهنجي قدم قدم ۾، موسم جي بي نيازي
پٽ پٽ تي پال آهن، ساوڻ ۾ سير تنهنجا

اي عمر! توکي منهنجي، يادن ڇڏيو آ جيتي
تڙ تڙ جي پيچرن تي، ليکيا مون پير تنهنجا

رات لڙي جو جيئن نري ٿي چانڊوڪي
مون ۾ ڪيڏو زهر ڀري ٿي چانڊوڪي

آسي پاسي وڻ هوا سان هم آغوش
آسي پاسي رقص ڪري ٿي چانڊوڪي

مون ۾ ڪنهن جي سار اُٿي ٿو پيلو چنڊ
مون ۾ ڪنهن لئہ روڳ ڪري ٿي چانڊوڪي

عمر خيام هليو ويو آهي جنت ڏي
پيهر ڪنهن لئہ جام ڀري ٿي چانڊوڪي

تنهنجي وارن منجهہ پوي ٿي وچڙي رات
تنهنجي انگ انگ منجهہ ٻري ٿي چانڊوڪي

آئون اندر جي اونداهي سان ڳالهايان
مون ڪان ٿورو هاڻ پري ٿي چانڊوڪي

گلن جي وڇاڻي، ستو ڪير هو؟
ڀنل باک ٿاڻي، ستو ڪير هو؟

الا رات مومل سندي ڀاڪرين
نهاريو ٿي راڻي، ستو ڪير هو؟

ٽِڪن ۾ لڪين چنڊ جرڪيا پئي
رلي اهڙي تاڻي ستو ڪير هو؟

نمي چنڊ جنهن کي نهاري ويو
نٿو ڪو بہ ڄاڻي ستو ڪير هو؟



# نظم/
# آزاد نظم

ٻٻر جي ڏار تي رهجي
ويل ڪا ڪوڪ ڪويل جي
اڌورو چنڊ آسڻ تي
ٽڌي جهنڪار پايل جي
اسر، ڄڻ ننڊ ۾ ٻالڪ
صُبح، ڄڻ گيان گوتم جو
مڙهِن ٽيون ڇوڪريون ڪل سان
انديشو روز آگم جو

## ميار

منهنجي پاڪر کي ڇڏي
جو پري آهين رهي
ٿي ڀني جي ويل ڇئي
تون اها ناهين رهي
جنهن جي نيڻن ۾ اڇي
التجائون ٿي ٻڌيون
جنهن ۾ منهنجي عشق جون
انتهائون ٿي ٻُڌيون
جنهن جي آڱرين جي ڦڻي
منهنجي وارن ۾ گهمي
مون ڪٿيون ٿي راتڙيون
جنهن جي جوڙن تي سمهي
جنهن جي چپڙن جا صبح
منهنجي چهري تي ڦٽا
جنهن جي چاهت جا سيئي
ڏڳ مون تي ٿي ڪُٽا
جا ڪڪر جي روپ ۾
روح ٿرـ تي ٿي وُٺي
جنهن جي وارن جي گهٽا
ڇانو منهنجي لئہ ٻٽي
جنهن کي منهنجون ٻانهون هي
ڪائناتون ٿي لڳيون
هاڻ او منهنجي سکي
تون اُها ناهين رهي
تون اُها ناهين رهي

## آئون جا نينهن ڪکي

آرس هرڪو انگ پيچي ٿو
ايڏي موهه مَکي آهيان
مون کي ننڊ نہ ايندي آهي
آئون جا نينهن ڪکي آهيان

مون ۾ راتين راڳ ڪيو آ
تارن جو تنبور ڪٺي
آئي پيچ پني جي ويلا
مون لئہ تنهنجي گهُور ڪٺي
سهيڙي روپ جواني جا
رنگن منجهہ رکي آهيان
آئون جا نينهن ڪکي آهيان

منهنجو ساهه سُرن جيئن آهي

تنهنجو پيار گويو جڻ
آئون ڪا اُڃ انڌي هرڻي
تون تہ ترائي جو ڪو وڻ
تون ڪو گيت فضائن جو
آئون جڻ تہ پکي آهيان
آئون جا نينهن ڪکي آهيان

تنهنجي ياد هينئين جي ٿر لئہ
جڻ ڪا مينهن ڪڻي آهي
مور مري ويا خوابن جا، تو
لاتي دير گهڻي آهي
توسان اڄ بہ تصور منجهہ
وَرَ وَرَ آئون ٻکي آهيان
آئون جا نينهن ڪکي آهيان

منهنجا ڪن ڪنائين ٿا
تنهنجون ڳالهيون او هر جائي
چوءِواتين جي وات چڙهي وئي
منهنجي هيءُ اڪيلائي
لوڪ لُٽي ٿو لابارن جيئن
تنهنجي پوءِ بہ سکي آهيان
آئون جا نينهن ڪکي آهيان

# تصور

ڏڪاري ٻار جي ڪِل جهڙو
تصور ڳوٺ تنهنجي جو

ٻير جي ڏار تي رهجي
ويل ڪا ڪوڪ ڪويل جي
اڌورو چنڊ آسڻ تي
ٽڏي جهنڪار پايل جي
اسر، جڻ ننڊ ۾ ٻالڪ
صُبح، جڻ گيان گوتم جو
مڙهِن ٽيون ڇوڪريون ڪل سان
انديشو روز آگم جو
ٻير جا ڦل جيئن پيلا
نڪن ۾ نڪ ڦليون اهڙيون
اڇا گل جڻ تہ گجرن جا
هي جهومڪ واليون اهڙيون
سراپا چيٽ جڻ آهي
بدن محبوب جوانين جو
تصور ڳوٺ تنهنجي جو
اهو ئي هڪ حصو آهي
اونداهي، جسم جو ٽڪرا
حراسيل دانهن ڪان پوءِ

قبي جي گنبذن ۾ جڙ
ڪبوتر ڦڙڦڙايو هو
جسم هو ڪپهہ جي پوٽي
مٿان آتش جو سايو هو
تهان پو وصل جا جاڳا
مزارن جو اڱڻ ٿي پيا
خدائي تنهنجي چادر ٿي
ستارا يار جڙ ٿي پيا
ملڻ جي مند کي جانان
نہ ماپيو مند جي ماپن
الائي ڪيترا پل هئا
وهاٽا تنهنجي ٻانهن ۾
تِهان پوءِ جي ڳالهين ۾
جدائي موت جيئن آهي
انهي لئہ ڳالهہ ڪان پنهنجي
لنوائي دل چيو آهي

ڏڪاري ٻار جي ڪل جهڙو
تصور ڳوٺ تنهنجي جو

# عجيب خواهش

هو نيزي پانڌ چڙهي سورج
ڳيهڻ آڪاش تي آيو
قبي جي در جي سيرن مان
اگر جو واس پي آيو
ڪبڙ جي ڇھچ ٽاري تي
ننڍاڪيل مور پي مرڪيو
ڪنڊيءَ جي لام تي جھولو
تنها هو، منتظر ڪنھنجو
ڌھر جي واٽ تي ڪنھنجي
پيچي پيل بانسري جي سج
پئي فاتح خواني ڪئي

خاموشي جي مسافر جي
وٽن پي ميزباني ڪئي
ڊگهي گنبذ جي ڪڙڪي ۾
ڪبوتر پر پکيڙيا پي
تنهائي پنهنجي دامن ۾
ڊگها لمحا سهيڙيا پئي
اڪيلائي جي سهيلي سان
تڏهن ڪا ڏرتتي ڏاري
سُڪا لڪ هئي ڪٽي آئي
روهيڙي جا رتا گلڙا
سُڪا خاموش چپڙن جي
هينئين ۾ حل ٿيل ماڻهو
اکين ڪي روبرو گهرجي
سڀُي ڪان ساھ ڪي ويجهو
صفا ٿو دوبدو گهرجي
سجيل تربت جي مٿي ۾
مري ۽ مات ٿيندڙ ڪان
حسين زندھ جواني جي
عجب جهڙي خواهش هئي
عجب جهڙي خواهش هئي.

## تون ڳاءِ ڪٽي

ڪنهنکي نہ وٽي، ڪنهنکي بہ وٽي
تون ڳاءِ ڪٽي، تون ڳاءِ ڪٽي

هي رات سڄي مڌ ماتي آ
ءِ چوليون چوليون چاتي آ
ٿي الغوزي جي ڌن ٻُري
پُرشور هوا چوءِواتي آ
هي پل نہ اجايا شال وڃن
ٿي ناهي ايڏي دير گهٽي
تون ڳاءِ ڪٽي ، تون ڳاءِ ڪٽي

هي لهرون لهرون چانڊوڪي
رابيل چمڻ لئہ آئي آ
پل ماحول ۾ پيو شور وسي
پر روحن ۾ تنهائي آ
هن وقت جي جهوني پير منجهان
هي پل وچن پيا يار ڇٽي
تون ڳاءِ ڪٽي ، تون ڳاءِ ڪٽي

پيو مڌ مچي هن ماتي ۾
ڪجھ ڏيو تہ ڪلالو پاڻ پيئون
هُو درد سڌي پيو سو نہ ٻُڌون
مدهوش ٿيون مدهوش ٿيون
۽ هوش ڇڏڻ ڪان پوءِ وچي
ريجهائي وٺون هو روح ڏٽي
تون ڳاءِ ڪٽي ، تون ڳاءِ ڪٽي

تون ڳاءِ بزم جي پاڪر ۾
ڪو سرمستن جو ناچ ٿئي
اي ساجن! پنهنجي ديس مٿان
اڄ آزادي جي باک ڦٽي
هن پيونءِ جي ڳوري ڇهري تان
اونداهہ هٽائي باک ڦٽي
تون ڳاءِ ڪٽي ، تون ڳاءِ ڪٽي.

## درويش دل!

چانڊني جي حسن جھڙي ڇوڪري
عشق جي دلڪش گلين ۾
تون ھٿيلي ٻار وانگي
دير تڪ ترسي ھئين
برسي ھئين
روح جي رنگين رستن جي مٿان
تون صبح جي ھير جيئن گذري ھئين
اڄ بہ ڪنھنجا انگ تنھنجي
ٻاڪرن ۾ پيا پُرن
چانڊني ۾ حسن تنھنجو
جھلملائيندڙ بدن
ڪيترا رنگين گھاريا
پل توسان موسمن
سمنڊ تنھنجي سڪ جو مظھر ھيو
تو اڱڻ ۾ بيھ واريا وار جو
واءُ خوشبو ٿي ويو ۽
بادلن جون بيھڪون تبديل ٿيون
ھو ائين احساس تنھنجو
ڇڻ ھوا ۾
ڪنھن ڪٿوري ٻُڪ ھاريا
تو نہ چاتو تون ھلي ويندينءَ تہ پو
سچ ٿيندين روح ڪنھن جي جون گليون
رڪ ٿيندا خواب ڪنھن جا
خاڪ ٿيندين راحتون

تو نہ چاتو ۽ هلي وئينءَ هلي
سئو سوالن جو اُڀيا شيشا چڙهي
اڄ بہ تنهنجي گهر اڱڻ جو
وڻ سوچيندو رهي ٿو
ڇو ڇڏيئي در عاشقي جا
ڇو فقيري ڏانهن وئينءَ
ڇو ڪيا تو ويس گيڙو
ڇو اسيري ڏانهن وئينءَ
تون اندر جي هيڪلاين ڪان ڀڄي
تن انڌيرن ڏانهن هلي آهين وئي
عشق جن ۾ ڪفر آهي
جرم آهي
خود فريبي کي فقيري جو ڏنو تو ناءُ آ
ٿو پڇي ڪو روح تو ڪان
هٿ تو آڏو جهلي
ڏس چتائي هي لڪيرون
۽ پڏا درويش دل
هن اڌوري عشق کي
ڪائي آٿت آسرو ملندو ڪڏهن؟
زندگي جي هن سفر ۾
ڀاڪرن جو پرجهلو ملندو ڪڏهن؟
۽ پڏاءِ هي بہ تون درويش دل
عشق ڪان وڏ ڪا عبادت ٿي سگهي ٿي
خودفريبي ڪان وڌي
ڪا فراريت ٿي سگهي ٿي.؟

## آدو ملاح[1]

سمنڊ ڪنڌي تي جهونو آدو
جهُڙ ۾ چنڊ لڪي ٿو ڪوئي
جڻ ڪو رڇ رڱن ۾ آهي
جنهن جو پانڌ ڇڪي ٿو ڪوئي
هيئنئڙو ونجهہ جيان ٿو ٿوڙي
ييهڪ دل جي پاٽي جي
آدو سڏڪي ڳالهہ ڪري ٿو
پنهنجي پيار پڄاڻي جي
سمنڊ پرهہ جو تنها تارو
ڪڙندي ڪوڙ جدايون ڏسندو
ايندو سج سولي وانگي
خالي هي سڀ جايون ڏسندو
هوندا ڪون ڪڪيءِ جا ڪارا
جن جي ڇٽ وٽي ٿي توڪي
پاٽان ڪيئن پليندس آئون
دل هي سين هٽي ٿي توڪي
هائو، صبح ڪان اڳ ۾ ايندا
تڙ تان ڪير تڙڻ لئہ مونکي
پوڙهاپي ۾ ماريو ويندو
نئون ڪو محل گهڙڻ لئہ مونکي
ها، پر توتي سمنڊ صدورا

ساڳيو تارن ڇٽ ٻه هوندو
تنهنجو ڪوئي مٽ نہ هوندو
ڇولي ڇولي ۾ پيو ڇُلندو
چنڊ ٻه ڇوري ٻار جيان
تنهنجي ٻر ۾ محل اڏيندا
ڪاري ڪارونڀار جيان
ها تنهن محل مٿانهان بيهي
توکي جوان نگاهون ڏسنديون
توتي هيل اسوءِ جا آگم
عاليشان نگاهون ڏسنديون
ءِ او سمنڊ صدورا سائين!
هوءَ جا ٻونءِ ڏسين ٿو سامهين
جنهن ۾ هڏ لٽيا مون آهن
پنهنجي بابي ڏاڏي جا
تنهن تي پڪنڪ پوائنٽ ٺهندي
ڏاڍيون رنگ رهاٽيون ٿينديون
ٻانهون ڇيلهہ وٽن تي ول جيئن
ڪيئي وَر وراڪا ڏينديون
ها پر پيچ ٻني جو تو ۾
پنهنجا پير پساري ڪوئي
پنهنجي رنگ برنگي دنيا
ويهندو ڪين وساري ڪوئي
لَس ۾ عڪس پرين جا پائي
ڪو ٻہ نہ هاڻ ڪٿوري ڏيندو
ڪو ٻہ نہ آدو مهاٽي وانگي

توکي عمر سموري ڏيندو
سمنڊ نہ ساڳي سيوا هوندي
هاڻ نہ آڏي ڏاري ايندي
توتي ڏيئا ٻارڻ ڪائي
پنهنجو پاڻ وسارڻ ڪوئي
جن سين موجون ماڻا تنهنجا
جن سين پيار پراڻا تنهنجا
جن سين شامون رنگ رتوليون
سانجهيون چندن واس جيان
اڄ سي ويندا ڏور هليا
ويندڙ ڪنهن احساس جيان
تن جي سار سٽيندي توکي
ڪامي نيٺ ڪٽيندي توکي
لونءُ لونءُ منجهہ لَٽيندي توکي
هرڪا گندري گهاوَ جيان
شيشي جيئن وچي ٿو گذري
هي غم منهنجي هانو منجهان
ماري چار اُٽيو جو آهي
پنڇي سو ڦاسائي ويندو
منهنجا سڀ اباڻا مُهاڻا
شهر وڏو ڳڙڪائي ويندو.

1 مشرف حڪومت ۾ جيڪي سنڌ جا ٻيٽ وڪرو ڪيا پي ويا، هي نظم انهن ٻيٽن جي اصل وارث ” آدو ملاح“ جي سمنڊ سان آخري گفتگو آهي

## محبت

عمر جي بي نيازي جو
|نمايان هڪ ليئو آهي
محبت ڊائري ۾ چند
گلن جو مرتيو آهي
هي ڪنهن جا ٺهڪ ٽاري تان
اڏاميل ڪنهن پکي جهڙا
ڪٽيل ناريل جيئن چپ جا
ڇُڻاڪا مٺ وٺي جهڙا
وکيريل وار ڇاتي تي
هٿن ۾ هٿ ڪڙيون ڪنهنجون
رڳن ۾ راحتن وانگي
لمحا ڪنهنجا، گهڙيون ڪنهنجون
سپئي چڙواڳ چولين جيئن
مجيوسين دلبريون آهن
مگر محبوب موسم جا
دُکيل سگريٽ جيئن وعدا
ڇٽڻ جو خوف ماري ٿو
وڇوڙو عمر کان اوچو
مٿان ميلاپ جي بيٺو
پيو خود کي پساري ٿو
وصل جي باغ ۾ مرڪي
جدائي پن ڇٽي وانگر
اڇي پاتو ليئو آهي
محبت ڊائري ۾ چند
گلن جو مرتيو آهي

# تحرير

هي کهڙي تحرير پئي آ
جنهن ۾ ڪوئي ڏانءُ نہ آهي
مونکي تنهنجو نظم لڳو ٿو
جنهن جو ڪوئي ٿلهہ نہ آهي
جنهن جي ڪا بہ پڇاڙي ڪونهي
ها، پر ان ۾ ڳوڙها آهن
ورهين جا تہ وڇوڙا آهن
ان ۾ هڪڙو نٽو آهي
جنهن ۾ لک اگهاڙا آهن
ڏور پتڻ ۾ خواب ٻُڏن پيا
گهر گهٽي ۾ راڙا آهن

ان ۾ گهوڙن ٽاپولين تي
ڪاري ڪائي دز اُڏي ٿي
جنهن جي پٺيان پياءُ مذهبي
ڪنهن تي ڪارا هٿ ڪٽن ٿا
نٽ ڇڄي ٿي، دانهن اُٿي ٿي
پر نہ انهن جا هٿ ڏکن ٿا
ءِ هوءَ قاتل ڪپڙن واريون
مذهب نالي ڪان بہ ڊڄن ٿيون
ان ۾ هڪڙي دونهين دُکي پئي
جنهن جي آڏو آڳوني تي
شاهہ عنايت ورد ڪري پيو

سارو جهوڪ ڳنگاتيل آهي
ڪيڏا صوفي ناچ نچڻ پيا

ان ۾ سنڌو دريا آهي
جنهن جي ڪپ تي پيلا آهن
جن ۾ جوڳين ٿولا آهن
تن ۾ شاھ پٽائي آهي
جيڪو تار تنبور جي تاڻي
ڪيڏي وجد مان ڳائي پيو ٿو
”ڪهڙا ڪُهندي، ڪهڙا ڪهندي
ملڪ سچو منصور ميان“[1]
۽ آ سامهون جلتل سنڌو
جنهن تي چنڊ جو نور ميان
ڇا ٿيو جي ڪو ڏانءُ نہ آهي
پوءِ بہ تنهنجو نظم چڱو آ
جنهن ۾ ڪا تاريخ لُڪي ٿي
جنهن ۾ ڪنهن جا ڳوڙها آهن
ورهين جا تہ وڇوڙا آهن.

[1] ملڪ مڙوئي منصور، ڪهي ڪهندي ڪيترا ”شاھ“

# حويلي

ها بهارن جي رنگينن کان پري
بند ڪوٺن ۾ پليل هُو ڇوڪري
جڻ ته "سارا" جو اڌورو نظم آ
هُن جي جوڀن جون سموريون ڪروٽون
۽ صبوحن جون سموريون آرسون
ڪنهن مصور جي تصور کان حسين
ڪن ستارن جيئن چمڪندڙ هُو اکيون
۽ جواني جي اُڀري رقص ڪي
ڪا به عاشق اک ڏسي ناهي سگهي
عشق جي مفهوم کان اڻڄاڻ هُو
ڪنهن جي نيڻن ۾ ٻُڏي ناهي سگهي
هن گلن جي مهڪ کي پاتو نه آ
۽ پيتائي کي ڪڏهن ڳاتو نه آ
هوءَ نتي ڇاٽي ته هي اڌ رات جو
ڇو ستارا ٿا ٽٽن آڪاش ۾
عشق ڪيئن ٿو روح سان ٻڪجيو وڃي
ڪيئن ماڻهو ٿو ٻُڏي احساس ۾
هوءَ مسافر جي اکين ۾ درد جي
ڪون ٿي اتهاس کي پرکي سگهي
هوءَ جا رشتن جي صليبن تي ٽنگيل

سا نئي وشواس کي پرکي سگهي
هوءَ وٽن تي چاندني جو ڏيک ۾
سبز کيتن کي ڏسي ناهي سگهي
آئيني جو عشق ٿو ڄاڻي اهو
هُو ڪڏهن ڪنهن کان رُسي ناهي سگهي
هاڻ وڇوڙي جي قهر کان بيخبر
هُو وصل جون راحتون ڄاڻي نٿي
۽ ڊسمبر ۾ ٽڏن ڳلڙن مٿان
آگرين جون چاهتون ڄاڻي نٿي
هُو نٿي ڄاڻي تہ بارش جو ڇهاءُ
عاشقن جي آگرين جهڙو ئي آ
۽ ڪڪر جيئن ڏور کان ڌرتي چُمن
عشق جو بندهن بہ بس اهڙو ئي آ
هاڻ سڀن احساس جي ڌاڳن کان هُو
آ صفا اڻڄاڻ، الهڙ، بي خبر
پر هندوري جو سمورو فلسفو
هُو جواني کان گهڻو ڄاڻي پئي
۽ هندوري ۾ لُڏي جڻ عمر جو
ٻُور هُو ڇاڻي پئي،
ٻُور هُو ڇاڻي پئي........

# روپا ماڙي

سج لهي ٿو
روپا ماڙي رقص ڪري ٿي
ڀاڳو ڀان جي گيتن تي
وڳهہ ڪوٽ مٿان ڪان ڀاڳهل
بيهي پرانهين پار ڏسي ٿي
سامهون جنگ نغارن ۾
آزادي جو عشق نچي ٿو
دودي جي ساٿارن ۾
جوڌا جوان ڪميتن تي
رت جي ريت نڀائن ٿا
جيڪر جوت جهڪي ٿئي ٿي
ڀيهر آڳ لڳائن ٿا
آزادي جي گيتن تي

جيڪي توڙ پڄائن ٿا
ڌرتي جا ٻاجهارا ڀاڪر
تن کي گود ۾ لاهين ٿا
تن سورهين ۽ سرواڻن وچ ۾
دودي جي تلوار ائين آ
ڄڻ تہ ڪُڪيتي ڪنوڻين گڏجي
اُڀ کي آڳ لڳائي آهي
ٻاگهل مرڪي نيڻ کڻي ٿي
تجلا تجلا تلوارن ۾
اُجري اجري ٻاک ڦٽي ٿي
روپا ماڙي رقص ڪري ٿي
ڀاڳو ڀان جي گيتن تي
تارا ٻائي ننڊ کچي مان
اٿندي آرس موڙي ٿي
۽ پو وڳهہ ڪوٽ مٿان کان
پنهنجا ڪارا ذلف ڇنڊي ٿي
آزادي جو سج ڦٽي ٿو
آزادي جو سج ڦٽي ٿو

## ائڊريس

ننڍي ٽيشڻ تي گاڏي جي
جڏهن ڏڙ ڏڙ جهڪي ٿيندي
تڏهن بيچين پنڇين جيئن
اُڏامي شام جو آنچل
سموري سينڌ واهڻ جي
ڀري سنڌور نيري سان
سنڌءِ ڪيڪار ۾ ڪلندو
چئي آداب ڏيري سان
هينئون ٽيشڻ جي تنهائي
ڏسي ڪجهه خوف کائيندئي
مگر هڪ دلربا منظر
اڳيان جڻ منتظر هوندئي
اگهاڙو ڀار واٽر تي
مڇيون پڪڙڻ جي مسرت سان
صفا ٽمتار ٿي تو ڏانهن
نهاري، ٿورڙو ڪلندو
وري پو ڪرت پنهنجي ۾

اهو مصروف ٿي ويندو
مصور ذهن پنهنجي ۾
انهي منظر کي سانڍيندي
اڳيان جي وک وڌائيندي
ٻه ٽي ٻارن سان گڏ کلنديون
صفا ئي نوجوان ڇوريون
مسافر لاڏ مان لنگهنديون
وڏو هُو موڙ رستي جو
انهن کان ٿورڙو اڳتي
ننڍو هڪ جوڙ رستي جو
اُتان کان ڇوٽڙي رستيءَ
وچي ٿي سينڌ جيئن سرڪي
ننڍي هڪڙي سراءِ ڏانهن
مسافر تون متان سوچين
اُتي آرام جي لاءِ
گهڻو اڳ ۾، سرا سامهين
اويلي ڪنهن مسافر جي
اجائي موت تي سوچي
ڊهي ويران ٿي وئي آ
سرا کان ٿورڙو اڳتي
صفي جي پِٽ کي پائي
ڳراٽي نم ڪڙو هوندو
انهي جي ڇانو ۾ ويٺو
ٽڪل هڪڙو مڙهو هوندو
انهي جا نيڻ جي پڙهندين

صديون اتهاس جون ان ۾
پڳل نکرين جيان ملندئي
جوان پُٽڙن جي لاشن جي
انوکي درد کان ويندي
پڳل چوڙين جي ماتم جي
انهي تاريخ کي پڙهندي
ائين محسوس ٿيندئي پيو
ته ڄڻ کو هانو پنهنجي ۾
لکين ٿوهر قُتا آهن
مڙهي جون ڳالهيون ڄڻ، سئو
وراڪا سينڊ جا آهن
انهن ۾ جيڪڏهن الجهين
صديون نکري نه سگهندي تون
اُتان کان ٿورڙو اڳتي
ڪجين چارين ۽ پپرن جو
وچولو جهنگ ٿو ڏسجي
انهي جهنگل سان وابسته
جنن، پرين ۽ ديون جون
هزارين ڳالهيون آهن
مگر اونداهي راتين ۾
اُتي اڪثر ٻه پاڇولا
ملي مرڪون ورهائن ٿا
اُهو جهنگل متيندي ئي
اڳيان هڪڙي قبر آهي
صفا گمنام اهڙي جو

نہ ڀونئرن کي پتو آهي
نہ خوشبوءِ کي خبر آهي
نڪو ڪتبو نڪو ئي ڳل
اگر جو واس ڀي ڪونهي
نڪو ٽِس هيٺيان ڏرتي
مٿان آڪاش ڀي ڪونهي
چون ٿا سال کن پهرين
انهي واهڻ جي مٿي جو
مَرڪ هئي ڇوڪري هڪڙي
مگر ڪنهن جي محبت ۾
اها هئي خون ٿي ويئي
حسين جذبن ۽ ٿهڪن سان
هتي مدفون ٿي ويئي
چون ٿا هاڻ سڀ هن کي
قبر آهي هي ڪاريءَ جي
مسافر روح ۾ جيڪر
وسئي صحرا جي خاموشي
اداسائي سان ڀرجي دل
پڇي توڪان جي ”ڪاري“ جو
انهن پيرن تي پُٺ تي تون
وري واپس هليو اڇجان
شهر جي جهنگ ۾ ڪارو
اوهان جو منتظر هوندو
اوهان جو..............!

# چانڊوڪي جو زهر

هي وستي لک ڏڪارون ٿي
هن دل جا خيما خاڪ ڪري
ان ڪان تہ اڳي اي چنڊ مٺا
ڏي چانڊوڪي جو زهر پيري

ڪلهہ رات پني جو پاڳ پُليا
هن پيڙيا پاڪر ٻانهن جا
اڄ رات تہ ساڳي تنهائي
۽ ساڳيا پهر جدائين جا
هر تارو نهاري طنز منجهان
۽ رات هينئين تي مُڱ ڏري
ڏي چانڊوڪي جو زهر پيري

ٿي خوشبوءِ ڪيڏا ڇڄ ڇتي
۽ ميندي ڪيت تي مينهن وسي
بي نياز اکين ڪان دوري جو
احساس هينئين ۾ ڏار وجهي
محبوب مندن جا چاڳ ڏسي
هوءَ شال وري، هوءَ شال وري
ڏي چانڊوڪي جو زهر پيري

ٿو روز هندورو گيت چوي
ڪنهن ويروتار جواني جا
۽ دل ۾ آرس موڙن ٿا
ڪي ماٺيل لمحا جاني سان
پر ويجهو درد جدائي جو
ٿو رفتہ رفتہ سانگ ڪري
ڏي چانڊوڪي جو زهر پري

هن پاڳل دل ۾ اوسيئڙا
تو ڪنهن لئہ شور مچايو آ
سي پير نہ ايندا، پنڌ جنين
ڪنهن پاراتي جيئن ڀانيو آ
تن لاءِ وسڻ جا ويس ڪري
چوءِ ڪيسين ڪوئي نيڻ ڏري
ڏي چانڊوڪي جو زهر پري

شيخ اياز جي سٽ
چو چنڊ اسان ڪي رات ٺري، ڏي چانڊوڪي جو زهر پري.

## هلي آءُ.......

هلي آءُ ميندي جي خوشبو کڻي
وساريل گسن جي متي تي سڏي
جتي ٻچپني جون ٻهارون ويون
ڊنل تن گهرن جي مٿي تي سڏي
چُمي واءُ لامن جو ڪورو بدن
پڇي ٿو اُها ويئي ڪيڏانهن هلي
ڪنول جي گلن جهڙي نازڪ حسين
اُها ڇوڪري يا گلابي ڪلي
صبوحن سندي جيڪا لالي هئي
ٻهارن جي جوڀن جي مستي هئي
هوا جي انديشن اهو پيي ڇيو
اوهين آهيو هرجائي ٿي پيا پرين
ڇوين جي انديشن ڪي ساڙي ڇڏيان

غمن جا سيئي ڳاٽ لاڙي ڇڏيان
مگر هانو تي هٿ رکي چئو سکي
ڳهريل اهو ڳوٺ وسري ويئي
سندر راتڙيون جي پناهون هيون
اهي چڙ امڙ جون تہ ٻانهون هيون
اُهي گرم پاڪر ۾ ٿڌڙيون چميون
اُهي مينهن وساڙا اهي شبنميون
پپر جي وڻن تي ڪريل چاندني
ڪپهہ جي ڍڳن تي وسيل چاندني
وصل جون اهي مست شامون الا
وٿاڻن ڏي ورندڙ ولر ۾ ٻڌل
چڙن جا مڌر گيت گونجيا هئا
ڪکر ڌوڙ جا خوب اڏريا هئا
هوائن ۾ آنچل ڪي لهريا هئا
اهو سڀ اٿئي ياد جيڪر سکي
تہ پوءِ هلي آ هلي آ هلي
خزائن کان اڳ جي وڻن جو قسم
پراڻي اُها عاشقي ٿي سڏي
هلي آءُ ميندي جي خوشبو کڻي
وساريل گسن جي مٽي ٿي سڏي.

# دل

دل گلاسن جيئن پڃي ۽
ڏور تڪ پڙلاءُ وجي
لوڪ ٿورو غور سان ان کي ڏسي
پوءِ وساري تہ بہ ڪا پرواه نہ آ،
دل، ڪنواري ٻانهن جي چوڙي جيان
ڪجھ ڊپيل ٺڙڪاٽ سان ٽڪرا ٿئي
نوجوان عاشق جا احساسن ڀريا
نيڻ تنهن کي پيار مان مرڪي ڏسن
بي مروت روح پو منظر اهو
ساھ ۾ سانڍڻ بجا منهنجا پرين

جي وساري تہ بہ ڪا پرواھ نہ آ،
دل، ڪنهن ماري جي اُڀري
وار جو شيڪار ٿيندڙ ڪونج جيئن
آخري سڏڪو فضائن ۾ ڇڏي
۽ ڏنارن جون اکيون گهوري ڏسن
پو وسارن تہ بہ ڪا پرواھ نہ آ،
ها مگر ڇا ڇئون پلا
دل سرِ محفل هزارن جي اڳيان
ڪنهن بہ ٽڙڪي ڪنهن بہ پڙلاءُ ڪان سوا
ائين ٽُٽيو وڪريو وڃي ٿي پر پرين
چپ تي آڱر رکي تعجب وچان
ڪو بہ لمحي لئہ مُڙي نهاري نٿو
تون ئي چئو جنهن درد جي پريل وٺي
ڪنهن نہ پيتي ۽ نہ پيئندي آ ڏٺي
تنهن ڪان سارڻ جو سچڻ
يا وسارڻ جو سبب ڪهڙو پڇون
درد جنهن جي شدتن ڪي
ڪا نہ ڪئميرا ٿي ڏيکاري سگهي
درد تنهن ڪي چئو پلا
بي مروت ڪوئي ڄاڻي پيي تہ ڪيئن
درد پنهنجي ڪي پيو ڪوئي
جي ماڻي پيي تہ ڪيئن.؟

’شھيد بينظير ڀٽو‘

گھڻو گستاخ چوندو هو
اسان کي لوڪ پر ڀينر
اسان هر بار هي چيوسين
تہ ٿورو خيال ڪر ڀينر
سنڌءِ خيالن جي خيمن مان
اها زيتون جي خوشبو
اهي القاب ڀائر جا
انهن بي ايمان ماڻهن لئہ
اهو سڀ ڪجھہ اجايو آ
سدا توکي ٻڌايوسين
انهن دستور هي مڃڙي
گھڙي هيڏانهن اماڻيو آ
اسان جا گھر اجاڙيندڙ
تنبو آڇن تہ ٿورا چئون
اسان جي جوان پڇڙن کي
هٿن سان موت ڏيندڙ جي
ڪفن آڇن تہ ٿورا چئون

سدا توکي ٻڌايوسين
هتي زنجير جي معنيٰ
هٿن جي هٿ ڪڙي آهي
اها زنجير ٽوڙڻ لئہ
هتي هر دل ڪڙي آهي

مگر تو ڳالهڙيون پنهنجيون
نڪو ڳايون نہ ورجايون
نڪو ئي ڀيڻ او منڙي
اهي جن جي زبانن تي
حسيني فلسفو آهي
انهن جي روح تي ڇانيل
يزيدي ڪي اوهان سمجهيو
رڳو بس شوق هو توکي
ڏکهي زنجير بنجڻ جو
انڌي هن ديس جي لاءِ
نئين تقدير بنجڻ جو
بگهڙ سان واڙ ۾ ٻڪري
سلهاڙڻ ٿي گهريئي ليڪن
انهي جي ڇا ڀڄاڻي آ
سموري ديس جي دل ۾
عاشورن جي سومهاڻي آ
’پنڊي‘ تي ڏنڏ سانجهي جي
جڏهن نوحہ خوان آهي
تڏهن اڄ تنهنجي يادن جا
ابهرا ڏڻ واريندي
سڀن رتڇاڻ روحن جي
اڪيلي هي صدا آهي
تہ رستن تي لهو تنهنجو
صبح جي آجيان آهي.

## ’سنڌ‘

هوءَ سُتي آ ننڊ ۾ ۽
سمنڊ سيراندي ستو آ
هن جي پيراندي پڇاڙان
سُج جو پورو پتو آ
۽ سندس کاٻي طرف کان
هڪ ڍڳهو سجدو اٿي ٿو
اجنبي ڪنهن شهر ڏانهن
۽ وري ساڄي طرف کان
جڻ وڇوڙي جي رتن جي هيڪلائي
ناچ ٿي نئين سر نچي
ننڊ ۾ هن جي هٿن جون
آڱريون هلنديون رهن ٿيون
جڻ تہ ڪو سپنو اُٽن ٿيون
۽ چون ٿيون
جيءَ ڇو جاڳي نٿو
ڪيترا آواز واڪا ٿا ٿين
هوءَ مگر جاڳي نٿي
ڪي اڇي هن جي نرڙ ۾
ٻڪ جو ڪوڪو هڻن ٿا
ڪي سندس ذلفن جي ڪاري رات ڪي
ننڊ پنهنجي لئہ ڪڻن ٿا
هوءَ مگر جاڳي نٿي
۽ سندس ڳيرو ٻچن جي
درد جي پيا شا نہ ڪوئي

چنڊ ٿو سمجھي سگھي
ڪو اڇي تن جي جھڳين کي
روز تيلي ڏيو وجي
۽ دونھين جا لاٽ اُڀ ڏي
ڪنھن ٻُڪي جي آڱري جيئن
روز ٿي الُرون ڪري
ھوءَ مگر جاڳي نٿي
کي پٽن ٿا وار ھن جا
کي اکيون ڪوٽي ڪڍن ٿا
کي وري ھن جي ذھن مان
ٿا سڄو اتھاس روڙن
ھوءَ مگر جاڳي نٿي
۽ ڪڏھن ڪوئي اچي
پٽ تي ڇيڙي تنبورو ٿو ڇڏي
ھوءَ ستي آ ننڊ ۾ ۽
روح کي ڪيڙي تنبورو ٿو ڇڏي
۽ ڀرن ٿيون ٻاھ جيئن ساريون تندون
قطرو قطرو رت ٿو تن مان ٿمي
ڪو چوي ٿو
”جاڳ کي ئي جس آھي
جاڳ آزادي ڏي ويندڙ گس آھي“
جاڳ جا واڪا ٿين ٿا
جاڳ ۾ ھڪڙو جتو آ
ھوءَ ستي آ ننڊ ۾۽
سمنڊ سيراندي ستو آ.

## شڪايت

رت جهڙا لفظ آهن
جي ڳڙن ٿا روح مان
ٿو لڪان مان جسم تنهنجو
ڪنهن گلابي ورق تي
۽ سمورو رت ڏيان ٿو
پوءِ بہ تون مرڪين نٿي

خواب جهڙي آرزو ۾
سمنڊ جهڙي ڪنهن صفحي تي
ٿو رڪان مان نيڻ تنهنجا

۽ سُهائي جي حسن جا
ٽا ڪُلن ادراڪ مونتي
۽ ڪلي ٿي ڪاڪ مونتي
تون نہ راڙو ٿي سگھين
مان لڄارو ٿي پوان ٿو
۽ سموريون ڪائناتون
زندگي جا ”ڪن ڀرن“ ٿيون
مون ڪان منهنجي زندگي ئي
پاڻ لئہ معني گھري ٿي
سوچ ڄڻ جلاد ٿئي ٿي
پوءِ دل فرياد ٿئي ٿي
آئون سوچيان ٿو تہ جانان
تون ئي معنئ زندگي جي
تون ئي منهنجي زندگي
پر اچي ٿو خيال مون کي
جا بہ سوچيم، سا سموري
خواب جھڙي آرزو آ
نيڻ ڀئي پوٿي رکان
پر چئو تون ڪيستائين
هي جبر دل تي سهان
۽ اکيون ڀُوٿي جيان
۽ اکيون.............

# ڪيري

هوائن جيئن بدن هن جو
نگاهون پُر پيالن جيئن
هي ڇاتيون اڻ ڇيل ڳالهيون
۽ مرڪون سڀ سوالن جيئن
ڇپن تي ٻول غالب جا
نچي ٿي ڇير جي لئه تي
۽ اطلس جي وهاڻن تي
وڏيرا جام و مئه تي
نشائي ذهن ۾ طبلو
وڄي ٿو مينهن جي ڏُن جيئن
بتيلو جسم جو گهورن
اکيون درياءَ جي ڪُن جيئن
ورن ٿا انگ ائين هن جا
هوا ۾ جڻ ڏيئو آهي
ائين ٻانهون سمنڊ تي جڻ ڪي
اڇا سڙه ڦڙڦڙائن پيا
۽ جهومي سڀ تماشائي
بدن جي لچ لاهين پيا
اهي سُر ڇير جا جنهن پل
ٿڪي خاموش ٿي ويندا

تہ لويو جسم کي ويندو
سجيل ڪمخواب بستر تي
حسن ننگو ڪيو ويندو
مگر ڪنهن پاپ جي تشريح
هتي ٿي آ نہ ٿي سگهندي
انهي ڪوٺي جو در اُڪري
سمورن فلسفن، بدبوءِ
پريون الٽيون ڪيون آهن
سمورن مذهبن جا من
پڳا شيشي جي برتن جيئن
سمورا نظريا گهوٽيا
ويا چڙ پينگ گهوٽي ۾
مگر پوءِ بہ ڪوٺي جي
پٽين تي نفرتون هاري
ٿو ملان هانوَ کي ٺاري
۽ سارا فلسفي گڏجي
دليلن جون ٽڪون ڪائن
۽ ڪوڙا نظريا باقي
ٽا پنهنجو روح ريجهائن
مگر سڀ سوال ڪوٺي جا
اڌورا ئي پيا آهن
رنڊي جي جسم لئہ جيڪر
نظريو ڪو وڳو ٿي پئي
بکايل پيٽ لئہ مذهب
جي ماني جو ڳيو ٿي پئي
۽ سارو فلسفو هُن لئہ

ڪڪن جو سهي، اجهو ٿي پئي
تہ پو انسانيت لاءِ
رنڊي چالئہ ٿڪو ٿيندي
سماجن جي جهريل منهن تي
اُها چا لئہ بجو ٿيندي
اُها.............................

## ڪاپائتي

چرخو دانهن صدين جي ٽيو پر
دانهن نہ ڪنهن ورنائي آهي
نجهري نجهري ماٺ وسي ٿي
ڪا بہ نہ آتڻ آئي آهي
تون بہ نہ آئينءَ جنهن کي هٿ هو
منهنجو پورهيو مان لهي ٿو
ڪيئن هي دهري دام چڙهي وئي
تنهنجو پورهيو پاڻ پچي ٿو
هيءَ ڪٽيتي ڪنوٽين جهڙا

تنهنجا انگ اڏارا ٿي ويا
سون سريکا هٿ سنڌءِ
ارٿ هلائي ڪارا ٿي ويا
ڏک جي هر هڪ ڳوڙهي آهي
نور نچوڙيو نيڻن مان
پوءِ بہ الجهيل سُٽ رهين ٿي
نڪري ڪونہ خيالن مان
ڪپهہ جهڙا خواب اُٽيندڙ
ڇا هي ياد نہ آ توکي
ارٿ اُڪل سان گڏجي تنهنجو
ذهن بہ اُڪلي ويندوهو
تنهنجو هر هڪ انگ اکين لئہ
نئين ڪا چغلي ٿيندو هو
پر تون هاڻ ٻڏاءِ ڇوري
تنهنجي پورهئي مانُ لڌو ڪو؟
جيون جي ڇا موڙي آهي؟
هنسلي، بولو، نٿ نہ تو وٽ
هٿ ۾ ڪا بہ نہ چوڙي آهي
جيون جي ڇا موڙي آهي؟

## وڃي ڇڏ ٻيوفا ناھيون

مجون ٿا چاھہ ڪونھي پر
حياتي مان خفا ناھيون
وفا ھرگز نہ ٿي آ پر
وڃي ڇڏ ٻيوفا ناھيون

ڇمان مان تنھنجي زلفن کي
رھان گڏ شل سڀي وانگي
سيئي ھي فاصلا ٿوڙي
اچان اُڏري پکي وانگي
گواھہ تارا فکر تنھن م
صديون ٿيون جو سُتا ناھيون
وڃي ڇڏ ٻيوفا ناھيون

ڏسي منظر پون جهومي
ڏُکي ڪا ڏِيل جهونگاري
پيجي آرس پٽون جاڳن
۽ ڏوٿي ڪو ڪلي نهاري
گجي ٽر بر مٿان برسون
اسين اهڙي گهٽا ناهيون
وڃي چئو بيوفا ناهيون

چمون ڪنهن چيلهه سنهڙي کي
اسين ڪورا دِلا ناهيون
وڃي ڪنهن چيچ ۾ ڦاسون
پرين اهڙا ڇلا ناهيون
اچي تنهنجي اڱڻ توکي
ڇُهي گذرون، هوا ناهيون
وڃي چئو بيوفا ناهيون.

## پاڻي

ڏور امبر تان چنڊ ڏسي ٿو
ڪيڏي وحشت آهي اکين ۾
هُن کي جل ٿل پاڻي ڪان،
پاڻي جيڪو نيل گگن مان
برسي ميگهه ملهارون بڻجي
دل جا مير سمورا ڌوئي
ڀرپور پيار جون سارون بڻجي
پاڻي جو ڇڙواڳ درياءَ ۾
شاعر جي تشبيهه جيان آ
پاڻي جو بي روڪ ندي ۾
سامايل ڪنهن وينگس جي جڀ
جوڀن جي ته رواني آهي
جنهن ۾ چنڊ ڇڳن کي ڌوئي

جنھن تي مور پرن کي ٽاھي
پاڻي جيڪو سمنڊ سڄو آ
سو تہ ملاح جي اک مان ٻڪندڙ
ڇڙ تہ مڇي جي موھہ جيان آ
پاڻي جنھن بن ساري دنيا
ڪاري ڪنھن اندوھہ جيان آ
ڏور امبر تان چنڊ ڏسي ٿو
ڪيڏي وحشت آهي اکين ۾
ھُن کي تنھن ئي پاڻي کان
سامھون ھُن جو ڏيرو ھيسيل
ٻالڪ ٻُک وگھي ٿو تڙپي
اُن جي اک ۾ پاڻي آھي
جيڪو ڪنھن طوفان جيان آ
جنھن ۾ ھن جي ننڍڙي دنيا
ڪک پن جيئن اُڏاڻي آھي
ھُن جي اک ۾ پاڻي آھي.

## فنڪار جو درد

سُرن سان آڱرين سرچي
لکين آواز جوڙيا هئا
اسان هن درد پنهنجي سان
رنگن ۾ روح ڀوڙيا هئا
وڇوڙا دل جي واهڻ جا
سندم آواز جي دلڪش
گلين جي شور سان گڏجي
نئون ڪو گيت ٽيندا هئا
اسان سي گيت دامن ۾
سهيڙيا عمر ساري هئا
انهن گيتن ۾ مومل جي
مجازن ملڪ موهيا ٿي
انهن گيتن ۾ عاشق جي
نگاهن خواب پويا ٿي
انهن گيتن ۾ محبوبن
نکت جاڳي نهاريا ٿي
اڱڻ ۾ آرسون موڙي
اُڀي سورج اُڀاريا ٿي

انهن گيتن ۾ قيدي جي
اکين بادل کي گهوريو ٿي
وطن وسڪار جو سوچي
بدن تن جو انگوريو ٿي
انهن گيتن ۾ تنهائي
هينئين کي هنج ورتو ٿي
دلين بي نياز نظرن کان
غمن جو گنج ورتو ٿي
اُهي سڀ گيت پنهنجا هئا
اُهي جڻ ميت پنهنجا هئا
ڪڏهن جن سڏ سُهڻين جا
ميهارن کي پُڄايا هئا
ڪڏهن سسئي جي پيرن کان
سمورا لڪ لنگهايا هئا
انهن گيتن گلابن لئه
اسان سڀ سُک وڃوڙيا هئا
اسان ائين درد پنهنجي سان
رنگن ۾ روح ٻوڙيا هئا
مگر اڄ درد پنهنجي کان
جدائي جيءَ جهوري ٿي
سُرن کان دور ساهن کي
تنهائي جڻ ڦلهوري ٿي
گلو آواز کان خالي
رڳن تي بوجھ جيئن آهي
اکيون جيئن باھ تي رکجن

پرين اڄ روح تيئن آهي
وڇن جي دور سارنگيون
هينئون تن ڪڍ ويندو آ
عمر ساري جي موڙي ڪي
وڃائڻ وڍ ڏيندو آ
وڃائڻ وڍ ڏيندو آ

## ائين......!

ڪُليا جو ٿان ڳالهين جا
هوائون ريشمي ٿي ويون
پُراڻين يادگيرين سان
ڏسائون ريشمي ٿي ويون
ائين آواز ڳهريو آ
رکي ڄڻ هٿ ڪاڏي تي
اوهان مون ڏي نهاريو پيا،
ائين خوشبو ٿيو آهيان
سکي ڄڻ باغ جي پيت تي
ڪٽي ناريل جي پيالي ۽
پنهي گڏ ويهي پيتو آ
۽ تنهنجي ساهه جي خوشبو
اچي ٿي منهنجي ساهن مان،
ائين اڪڙين جهتي بجلي
سکي ڄڻ سيج تي ويتي
چُني ڳاڙهي جي گونگهٽ مان
سندءِ مرڪون ڇٽيون آهن،
ائين بيتاب ٿيو آهيان
سکي ڇڙواڳ جيئن دريا
۽ تو سمنڊ جيئن مون کي

پريان ٻيهي پڪاريو آ،
ائين مرڪي پيو آهيان
سڪي جڻ دلربا تنهنجي
حسن جي ڳالهه ڇيڙڻ تي
چپن ۾ تو زبان ڏيئي
وري ”هون هون“ اچاريو آ،
ائين لرزي پيو آهيان
سڪي جڻ موڪلائيندي
هٿن مان هٿ ڇڏايو آ
انهي لمحي ڪي لمحا ٿيا
هينئر جڻ هوش آيو آ
ائين خيالن ئي خيالن ۾
نگاهون ريشمي ٿي ويون
ڪُليا جو ٿان ڳالهين جا
هوائون ريشمي ٿي ويون.

## تنهائي

ٻيرن پٽيان سج لهي ٿو
بادل جيئن ڪي نيڻ وسن ٿا
ڌوڙ اڏي ٿي رستن تي ۽
ڪنهن جا تنها پير رلن ٿا
وڻ وڻ سان ڳالهائي ٿو هوءِ
ٿورو سوچي ڳائي ٿو هوءِ
آڪيرن مان ڪنڌ ڪڍي ڪي
پنڇي هن ڏي نيڻ ڪڻن ٿا
واهه ۾ ننڍڙا پٿر اڇُلي
لڙڪ اگهي ۽ پڙڪي ٿو هوءِ

شامن جي لالائي ڇا هئي
منهنجي دل تي ڇانئي ڇا هئي
لذت جا احساس انهي ۾
وقت سندي پرڇائي ڇا هئي
چاندوڪي ۾ چنگ وڄا ٿي
جن سان آتيل انگ پڳا ٿي
گل گل سان جڻ پيار نئون هو
سارو هي سنسار نئون هو
ڪنهن جا ڪارا نيڻ الاڙي
ڇانئن جو احساس هيا
ڪنهن جون ڳالهيون بارش جهڙيون
ڪنهن جا لب آڪاش هيا
پر تون هي تقدير ٻُڌاءِ
اڄ جي هي تنهائي ڇاهي
وقت سندي پرڇائي ڇاهي
سرڳوشي جي نرم هڳا سان
ڳوڙهن هاڻا نيڻ پڇن ٿا
ڌوڙ اڏي ٿي رستن تي ۽
ڪنهن جا تنها پير رلن ٿا.

# اڪيلائي

چاڙي نہ سگهيا آهيون
پيارا تون ڀلا چاهين
بادل جو ڏکھو پاڇو
يا بادِ صبا آهين
پوپٽ جي پرن جو ڪو
تون رنگ ذرو آهين
پر پو بہ ڳرو آهين
بي فيض پنيان تنهنجي
ڪيڏو نہ ڏکيا آهيون
تولاءِ زماني کي
ويجها بہ رهيا آهيون
تولاءِ سڄڻ منهنجا
هي رنگِ حنا جهڙا
ڪيڏڻ جا حسين ڏينهڙا
جوڀن جا رنگين لمحا
ڇا ڇا نہ وڃايو آ
پر سڀ اجايو آ
افسوس پرين منهنجا
تون ڪونہ سگهين سمجهين
هن دل جون ٽڏيون آهون
هن دل جي اڪيلائي!

# قبوليت

پيار سفر ۾ منهنجي جانان
تون مان الهڙ ناهيون ليڪن
مُک تي هي ڏيکاءُ نئون آ
هڪٻئي تي ويساهہ نئون آ
لاک لڳي ڪنهن باک ڦٽي ۽
چانڊوڪي سان چاهہ نئون آ
ها پر هڪڙي ڳڻتي منهنجو
ڳاهہ جيان من ڳاهي ويٺي
منهنجي شعور جي چانئٺ تي سا
ڳالهہ ڳجهي ڳالهائي ويٺي
مان ٿو سوچيان منهنجي جانان
ويري وقت سندو هي واءُ
پنهنجي اوگهڙ آڏو ٿيل
اوڇڻ ڦاڙي ماضي جا
پنهنجا عيب ڦلهوريندو
تنهن پل هڪٻئي آڏو ڇڻ
تون مان ننگا هونداسين
ماضي جا ڪجهہ ڪارا پل
ماتا جي نيشان جيان
ڏوران ڏور ڏيکائيندا
تون چئو اهڙي اوگهڙي پن ۾
ماتا جي نيشانن جهڙي
عيبن جي ايوانن ڪي
مُرڪي ڳل ڳراٽي پائي
پاڻ انا جي تاج جا وارث
ڪيئن قبولي سگهنداسين.؟

## ھوءَ ياد ٿي اچئي ڇا

عورت جي جسم جھڙي
ٻاھر تہ چانڊني آ
پر دل اندر اونداھي
۽ روح ۾ غمي آ
اونداھي ھڪ دري کي
ڪو ٽيڪ ڏئي لڇي ٿو
ڪنھن سوچ جي گلي ۾
ڪو ياد جو پراڻو
زنگيل سڪو ملي ٿو
مندر جي گيٽ ڀرسان
بيٺل اداس وڻ ڪان
ڪوئي پڇي رھيو آ
ڇا اڄ بہ ڇوڪريءَ ھوءِ
مورن جي ناچ لاءِ
توسان پٺي ڀرائي
ڪجھ دير تائين تنھا
بيٺي اجان بہ رھي ٿي

هئي شام جي سرن ۾
آڪاش جي تنهائي
روئندڙ گلي سان ڪوئي
ڪنهن ڪي چئي رهيو هو
ڳالهائين چو نٿي تون
ڇا شام ٿي چڪي آ
سورج جيئن تون ۽ آئون
ڇا هاڻ لهي چڪاسين
پنهنجو سمورو ماضي
۽ وصل جي گهڙين ۾
هڪٻئي جي پاڪرن ۾
تحليل ٿي وڃڻ ڇا
اونداهو ٿي چڪو آ؟

آ پوء جي لمحن ۾
لهرن تي تيز پيڙي
۽ دور کان نگاهون
ويندڙ جي وائلي ڪي
گهوري ڏسي رهيون هن
۽ ڪو ملاح تڙ تي
ڏيمي سان ڳائي پيو ٿو
”روحن جو ميل تون مان
جنمن جو پنهنجو ناتو
هن موڙ تي جدائي
ڇا انت آ انهي جو!؟“

وينڌڙ پسيل اکين سان
پٽ تي مڙي ڏسي ٿي
ميسيج جي صفحي تي
جڻ بددعا لکي ٿي
”ڳالهيون رڳن ۾ دکنديون
وڻ جو اداس پاڇو
هلڪي هوا جي ايندي
ڇرڪي اوهان کي چوندو
هوء ياد ٿي اچئي ڇا
هوء ياد ٿي اچئي ڇا ؟“

# ڪڪرسان گفتگو

دل تہ چاهيو ٿي پرين!
تون گهٽائون ٿي اچين
۽ نويلي مور جيئن
ديس منهنجي تي نچين
جيئن ڀانهياريون رقص ۾
ائين ڪجي ڀڪرال پل
پر هيس مان پوررڙو
مون کي ڪائي هئي نہ ڪل،
پاڻ سوچيو هو تہ تون
چوڌ مان ڇُلندين جڏهن
کي ڪڪوريل نيڻ ٿينديون
ديس پنهنجي جون ڀنيون
ڇيڳرين ۾ ڇال ايندا
انگ ٿيندا آرسون

پاڻ سوچيو هو پرين
هيل ساريون سانوريون
ساٿ سرهايون ڪنديون
۽ نمورين سان ڳنڍي
سينڌ پنهنجي سانجهہ جو
دلبرن جي هنج ۾
ڪوڙ ڪيتا ڀي ڪنديون

پاڻ سوچيو هو پرين
هيل پاپي پيٽ لئہ
هٿ کراين جا کنگڻ
کون وکبا شهر ۾
۽ اگهاڙا هيءُ پنهنجا پيرڙا
ڌرتتي جو چانو ڳوليندا نہ کا

پاڻ سوچيو هو پرين
زندگي جي ڌهر ۾
چار ڏيئا چاهہ جا
هيل ٻاريندي مگر
هي نہ سوچيوسين ڪڏهن
تون گهٽائون ٿي وسي
هينئن ٻوڙيندي پرين
وڏ ڦُڙي جي ڦهر سان
سُک وڇوڙيندي پرين
ائين تاروتار ٿي
هينئن کندي بي آسرا
۽ اجهاٽيل هي اکيون
سپ وڃائيندیون اجها
هي نہ سوچيوسين پرين

ڪالهہ جيڪي هئا سڄڻ
هي ڳڳاٽيل ڳونڙا
اڄ ڪيلانڪر ٿا لڳن

ءِ هي جھوپا تن مٿي
ڇڻ تہ ڪومايل ڪنول
هاءِ ڏس تون اي ازل
هن سڄي وستي منجھان
ڪونہ ٿو دونھون اُٿي
ڪو چلھو ناهي ٻريو
ءِ ٻُڪيا هي ٻارڙا
جن جي چپڙن تي هيو
ڪارڙو ڪونمارڙو
سي ابر توڪان گھُرن
صرف ماني جو ڳپو
ءِ اڪيون آڪاس مِ
رحم ڪي ڳولن پيون
ڏرتتي جي ڪانو جيئن
پاڻ ڪي رولن پيون
تن اڪين جي ڪيت جا
خواب ڪيئي نوجوان
هيل ساڙي تو ڇڏيا
هينئن اجاڙي تو ڇڏيا
هينئن اجاڙي تو ڇڏيا

## دل تہ آهي دل پرين

جيتري بيتاب آهي
اوتري اڻ جهل پرين
ڪيئن پلجي پيار ڪان
دل تہ آهي دل پرين

ڪنهن تصور ۾ ڪِليو
چنڊ ننڊڙي ٻار جيئن
۽ تڙي پيو روح ۾
ڪوئي ميندي ڏار جيئن
هئا ڪپيل انجير تي
باهِ جا بادل پرين
دل تہ آهي دل پرين

سڪ هڪڙي چڪ آ
چا تہ چاچوليو چڏي

خوب روڪيون ٿا مگر
روح کي روليو ڇڏي
ڇئو ڪڏهن روڪي سگهيا؟
سمنڊ کي ساحل پرين
دل تہ آهي دل پرين

جيئن ندي ڪا سمنڊ ڏي
ائين مون ڏي آءُ تون
ساهہ کي سرهاڻ ڏي
روح کي مهڪاءُ تون
جيئن گهٽا گهنگهور جي
ڇوڙ ائين ڪاڪُل پرين
دل تہ آهي دل پرين

## اڳتي ڇا ڇا ٿيندو آ

مستقبل جي ڳالهہ هلي ٿي
حال پڇي ٿو ماضي کان
اڳتي ڇا ڇا ٿيندو آ؟

اڄ جيئن بم بندوقن سان
ماڻهو ماريا ويندا هِن
رت جي تار ندي وهائي
پيڙا تاريا ويندا هِن
دريا جيڪي ڌرتي جي
سينڌ ٿين سنڌور ٿين
تن کي بيواهہ جي اک جيئن
پو بہ سڪايو ويندو آ؟
اڳتي ڇا ڇا ٿيندو آ

مستقبل ۾ رت جو رنگ
ساڳيو ڳاڙهو رهندو آ

ۼ چا بکيو ٻار تڏهن جو
انگ اگهاڙو رهندو آ
ۼ چا عورت جي عصمت
چونڪ متي نيلام ٿيئي ٿي
پيٽ وڏي سان ڪوئي سيٺ
قيمت ڪيئن ڪَٿيندو آ؟
اڳتي چا چا ٿيندو آ

مستقبل جو چنڊ پلا
ڪنهن جي ٻک متائي ٿو
يا ڪو صحرا مورن جي
دانهن ڪڏهن ورنائي ٿو
ۼ هن روپي ڪولهي جيئن
تاريخ نئين ڪو ناهي ٿو
يا ڪو گهوٽ ٻلاول جيئن
ريتو رت چڙيندو آ
اڳتي چا چا ٿيندو آ؟

## ڪٿي آهين....!؟

تنهنجي ذلفن ڪان رهائي ٻہ عجب نڪتي
زندگي خود سزا ٿي ويئي
تنهنجي ڳولا جي ڏکهي جستجو ۾
هر عبادت قضا ٿي ويئي
تون جي آهين تہ پو ڪٿي آهين
هر تمنا ائين مري ويئي
سڙهہ بنا جيئڻ ڪا پيڙي
چڪ چولين جي ۾ ٻُڏي ويئي
آئون ڪنهن بددعا جيان جانان
هر ڪنهن در تان ڌڪارجي ويو هان
منهنجي هر جيت جو سبب تون هئين
هاڻ ڪيڏو نہ هارجي ويو هان
مون کي دردن جي تيز اس ۾
هاڻ محسوس ائين ٿيندو آ
تون نہ هاٺي هتي رهي آهين
هيڪلائن ۾ خيال ايندو آ
ها مگر او جانِ ادا منهنجي

تون نہ آهين تہ پو هن دل جي
خوشبو خوشبو خدائي ڇالئہ آ
دل جا سورج جي تون لهي ويو آن
پوءِ هيڏي سُهائي ڇالئہ آ
لوڪ جي هر نگاهہ جي بيرحمي
مون کي طنز ۾ ٻڌائي ٿي
تون اتي ئي آس پاس ڪٿي آهين
توتي تارا ٿي ٿمڪي پوان آئون
هاءِ دل جا او آڪاس ڪٿي آهين
توکي ڳوليون تہ ڪٿي ڳوليون
هر ڪا سانجهي سجي سجي آهي
چيٽ پيٽن تي سوڳ جهڙو آ
دل جي هرڪا صدا اجي آهي
آئون ڪاري ڪلر جي پٽ وانگي
رفتہ رفتہ ڊهي رهيو آهيان
تنهنجي ڳولا جي ڏکهي جستجو ۾
پر نہ ٿڪجي ويهي رهيو آهيان
اڄ بہ دل ۾ صدا پُري پيئي
تون جا آهين تہ پو ڪٿي آهين..؟؟

## پوڙهي جي نوجوان کي صلاح

لَکَ جو لنگهہ حياتي آهي
ٿورو پاڻ سنڀالي هل.

سامهون ڪا اونداهي تو ۾
پاڻ لڪائڻ چاهيندي
تو سان گيت جواني جا
گڏجي ڳائڻ چاهيندي
اونداهہ اهڙي جنهن پٽيان
لاکين چنڊ لُٽائيندين
تنهنجي ننڊ جوئا ٽيندي
ساري خواب ڪٽائيندين
اونداهہ جنهن ۾ هر حجرو
پينو جي ڪشڪول جيان
خالي خالي پائيندين
سچ آکين ۾ هوندي پي
پنهنجي پاڻ کي راجا ۽
جڳ سوالي پائيندين
اونداهي جي چيچ جهلي
ان کان اڳتي جي هلندي
نانگ ٻرن مان نکري سپ
توکي ڦڻ ڏيکاريندا
اڃي اُجري ڌرتي تي

توکي مير جيئن پائيندا
ها، پر ڪا پرواهہ ڪٿي
تنهنجو روح ڇُهي سگهندي
تون تہ پهاڙن تان ڪرندڙ
چشمن جي تہ رواني هوندين
شُعلن جيئن رڳن ۾ ايندڙ
جوڀن جيءُ جواني هوندين
ها،پر پوءِ گهٽو اڳتي
اونداهہ سارا سڳ چني
تو کان چيچ ڇڏائيندي
ءِ پو اُس اڳيان تنهنجي
ڏائڻ وانگي ڏند ڪڍي
توکي ڏنگ هڻڻ گهرندي
چرڪي پاڻ جڏهن ڏسندي
پنهنجي ڪل نپوڙيل ڪنهن
ڪپڙي جيئن پئي لڳندي
سامهون سج افق تي بيهہ
تنهنجي وارن ۾ چاندي
ڏسندو ٺهڪ ڏئي کلندو
ان جي لاءِ چئون ٿا يار
لَڪَ جو لنگهہ حياتي آهي
ٿورو پاڻ سنڀالي هل.

## ٽري ڇوڪري ڏانهن

ڳوٺ ڳلين مان ويندڙ ڇوري
لمحو لمحو سوريءَ ٽيندو
جنهن ۾ پُور گهڙي جيئن پڇندا
ذهن تہ اهڙي ڪُوري ٽيندو
اونداهي، اڌ رات اکين ۾
اوسيئڙي جو ڇار اٽيندي
پيهي لوچ لڱن کي تنهنجي
تو ۾ ڪوئي پيار اُٽيندي
توکي چنڊ چٽر جيئن لڳندو
اوجاڳا آڙاھ جيان
سمهندين سور رلي جيئن تاٽي
بستر لڳندئي باھ جيان
ها پر تو کان ڏور گهٽو

واهڻ جي هر واٽ پرهہ جو
تنهنجا پير پراڻا ڳولي
تنهنجا ٻانهن۔ هار ڦلهوريندي
تنهنجا وار وڇاڻا ڳولي
ڪنهن جي ٻرندڙ ٽانڊي جهڙي
دل تي ماڪ وسائيندي
تنهنجا پنڌ پڇائيندي
پنهنجو ڳوٺ ڇڏيندڙ ڇوري
ڪهڙي پار وڃين ٿي تون
تنهنجي ڪل جي خوشبو سان
ڪهڙو ڪوهہ ڪٿوري ٿيندو؟
جنهن ۾ پُور گهڙي جيئن پچندا
ذهن تہ اهڙي ڪُوري ٿيندو.

## وڇوڙو

وسي آگم اڪاميو هو
پنل هئا انگ لامن جا
پڳيون ٿي آرسون ڳوٺن
لٿا هئا ٿڪ ايامن جا
مگر هڪ دل اِهو سوچيو
وٽن جي لام هر هڪ مان
اداسي جا لياڪا هئا
ڪٽي ڪنهن درد جا جوڻين
پنن ۾ چڙ لڪايا هئا
اُڏارون سر متي تڙڳيون
لڪيو پي سج ليارن ۾
سڪي جا وار ويڙهيندي
وڃايل عمر جي عورت
وڃي ڦاٽي سنيارن ۾
لٿا هئا عڪس نيٽن ۾
ڪڪوريل نوجواني جا
سرنهن جي لام ۾ جهولو
لڏڻ سان ٻن ڪراين تي

سڄڻ جي گفت جون چوڙيون
الا ڇم ڇم سان ڇمڪيون ٿي
اُتر ڪان ڏور ڪو بادل
پئي چلڪاٽ سان گرجيو
ڏنارن جي صدائن تي
هوائن رقص ٿي ڇيڙيو
گلن جي ڪيت مان ڪنهن پي
وڏي پاٻوھ مان گهُوريو
مگر سو سڀ اجايو هو
وڇوڙو ئي سڄايو هو
الا ڪنهن شام اوڪي جو
تصور من ولوڙي ويو
لمحو سو ياد آيو هو
سڄڻ کي جو وڇوڙي ويو
جهڀي هئي هانو کي آئي
اکين ۾ سمنڊ ٿي لرزيو
ويو پي ڪو حياتي جيئن
چري سَر تي وڇي سڏ ڪِيو
اُگهي ٻوڙهن کي ويندڙ هُن
ڪنيون هڪ وار جو اکڙيون
پپر تي ڪنڌ کي لاڙي
الا ڪنهن ڇوڪري تڙپيو
پڳل ڪنهن بانسري جهڙن
چپن کي جنبشون آيون
هٿن ۾ لرزشون آيون

ويڙهي ڪنهن چيچ تي پوتي
وڏي پي وات ۾ آڱر
نچيا پي لڙڪ ڳلڙن تي
پيانڪ هو سما ايڏو
وڃوڙي مهل دل ڀانيو
اونداهي ئي اونداهي آ
مگر پوءِ گهڻو پوءِ
جڏهن دل جي جهروڪن ۾
پرين جي يادگيرين جا
نما شامن ڏيئا ٻاريا
تڏهن هن دل چري سمجهيو
وڃوڙو بادشاهي آ
سُهائي ئي سُهائي آ.

## ياد جا سڪا

دل جي هٽڙن ۾ هئا مون
ياد جا سڪا ڏنا
مون تہ سمجهيو هو ائين
وقت! تنهنجي ڏوڙ ۾
سڀ وڃائيندي اُهي
يا وري ڪنهن باک جهڙي
مرڪ واري موهہ عيوض
سڀ ڪپائيندي اهي
پر صدين کان پو جڏهن
دل جا هٽ کولي ڏٺم
ياد جا سارا سڪا
سڀ جي موتي جيان
جرڪندي آيا نظر
ها مگر دل جا اهي
نرم، ڪومل هٽ ڪچا
ڪنهن سڙي ويل جسم جيئن
ڪارا اتجي آهن ويا.!!

# نوان محبوب

رڳو انجام تي سوچڻ
رڳو ڳالهيون جدائي جون
سدائين وصل کان باغي
سدا سوچون تنهائي جون
اهيو آغاز آ جانان
تہ پو انجام ڇا ٿيندو
نہ جي ڪجهہ خاص ماڻيوسين
تہ پوءِ عام ڇا ٿيندو
نوان محبوب، نئين سڪ جو
نئون هي فلسفو آهي
ملڻ، مرڪڻ کان اڳ وڇڙي
مرڻ ۾ ڪو مزو ناهي
رڳو محسوس ڪر جانان
اڪيلي چنڊ راتين ۾
محبت مجسمو ڪونهي
گهڙي توکي ڏسيان آئون
محبت تنهنجي پلڪن جي
ٿڏيري ڇانو جهڙي آ
محبت بين جوڳي جي
ڪنهن صحرا ۾ ڇيڙي آ
محبت سرڪ هڪڙي ۾
حياتي ڪي پيئڻ جهڙي
محبت چند لمحن ۾

سوين عمريون جيئڻ جهڙي
مگر جانان محبت کي
ڳراٽيون وصل جون گهرجن
پياليون پيار پنهنجي کي
ٽيون گهاٽيون وصل جون گهرجن
ذهن ڪشڪول خالي جيئن
هلي آ تنهن اندر اوتيون
ٽڏيون چانڊوڪيون گڏجي
ٻه ٽي پل روح هڪڙو ٿيون
جيئون گڏجي پيئون گڏجي
هلي آ پنهنجي ساهن جا
سمورا جام ڇُلڪايون
هٿن ۾ هٿ ڏيئي جهومون
هوا ۾ انگ لهرايون
ته جيئن وڇڙي وڃڻ ڪان پو
اگر ڪنهن موڙ تي گڏجون
ذهن جي سرد خاني ۾
ٻه ٽي ڀرپور ڀاڪر ۽
ٻه ٽي چانڊوڪيون تڙپن
ٻه ٽي ڳالهيون ڳراٽي جيئن
هينئين تي هيج مان هرڪن
وڃڻ جي ويل دل جانان
ڇوڙڻ تو کي اهو چاهي
ملڻ مرڪڻ کان اڳ وڇڙي
مرڻ ۾ ڪو مزو ناهي.

## تون وڃين ٿي وڄ مگر٠٠

ٿانوَ جيئن ماڃي بدن
سينڌ کي سئو ور ڏيئي
مرڪندي منھنجي اڳيان
ھانو تي پٿر ڏيئي
تون وڃي ٿي وڄ مگر
ديس ڪان پرتي گھڻو
چنڊ ڪنھن پرديس جو
جيڪڏھن توکان پڇي
آسماني ويس جو
مُرڪندي چئجان مٿي
ھوءَ زمين جھڙو ھيو
آئون ھن جو آسمان
سمنڊ جيئن ھن جون اکيون
۽ ستارن جيئن مان
پرتوو ڦھلائيندي
روح ۾ ھئس ڳائيندي
۽ ڪڏھن جي نيڻ ھي

بارشن وانگي وٺا
روح هن جي جي زمين
ٿي سڄي آلي ويئي
پو نہ جهڙالي ويئي
منهنجو چهرو ٿي لڳو
روپ هن کي چنڊ جو
۽ چڪورن جيئن هئا
نيڻ ٻئي گهايل سندس
رنگ هئا هن روح جو
چپ ڪومايل سندس
۽ ڪڏهن جي ڪنوڻ جيئن
مون مٿس ڪجڪار ڪئي
هو گهڙيل ٿامي جيان
ٿي سڄو چلڪاٽ ٿيو
۽ جڏهن ديدار جا
دوئار ٿي هن تي ڪليا
هو اڃي صحرا جيان
ڪيترو بيچين ٿي
گهائجي ويندو هيو
ها مگر هاڻي اهو
جو زمين جهڙو هيو
حال تنهن جو ڇا چوان
چنڊ اي پرديس جا
جنهن زمين تي اُپ جو
ڪوئي پاڇو ڪونہ آ

جنھن زمين جي سمنڊ جي
ڪنھن بہ ڇولي جي اُڇل
چنڊ ڇاڇولي نٿي
جنھن زمين جي رات ڪو
صبح ئي ڳولي نٿي
جنھن زمين جي چيٽ ۾
ڪا بہ چانڊوڪي نہ آ
جنھن زمين جا سڀ چڪور
چنڊ لئہ تڙپي مُئا
جنھن زمين جي ڀاڳ ۾
بارشون ناھن لکيل
سا زمين دوزخ سندي
جڻ نئين تصوير آ
ڪنھن پيانڪ خواب جي
ھوبھو تعبير آ
ٿو جتي ھاٺي ٿيئي
بس رڳو ڀڄڻ ڀڄڻ
بس رڳو ڪامي مرڻ
بس رڳو ڪامي مرڻ.

## گناهہ جهڙي رات

کهڙي کهڙي ياد رکان مان
پنهنجي دل جي ديول ۾

هڪڙي رات اماوس جي آ
جنهن ۾ کهنبي ويس ڪنواريون
چوڏس پرٽي رات جي خوشبو
انگ انگ منجهہ اُلاءُ ٻري ٿو
انگ انگ ۾ برسات جي خوشبو
پورا پار وسڻ جا آهن

آگم جا اهڃاڻ اکين ۾
هرڪو سڏ سرهو ئي آهي
ڪانهي ڪا ڇاڪاڻ اکين ۾
ڇوٽي ڇوٽي گل چندن جا
موتيا هٿ ڪرائي ۾
هر ڪنهن سينڌ سموهي آهي
مهڪ ڀنيءَ پُروائي ۾
هر ڪنهن مومل ”تارن تبرون“
هاءِ ڪُهڻ جي ڪار اکين جي
ڳل تي ڳل ڳراٽيون ڪيئي
هاءِ سُرهي سيج سکين جي
ڇوڏس واءَ ورايل ڏيئڙا
ساري رات رميا آهن
ساري لوڇ لڳن مان ويئي
سارا درد ٿميا آهن
ڀيج ڀنيءَ جي ويل سيڻ جو
انگ آرس ٿي پيو آهي
سارو لوهه سڄيندو هاٺي
روح تہ پارس ٿي پيو آهي
پئي ٿي هير صبح جي ڳائي
ڇم ڇم ڇم ڇم پايل ۾
ڪهڙي ڪهڙي ياد رکان مان
پنهنجي دل جي ديول ۾......

## جوڀن

ڏور مندر ۾ سَنک وڄن ٿا
پوڄارڻ جي آشائن جا
ديپ ٻرن ٿا
منھن تان ٻين ھٽائي ڪرشن
ساري رات اھيو ٿو سوچي
نکٽ نکٽ سان نينھن ٻہ ساڳيو
تارن جا اھڃاڻ اھي ئي
جن جي پرک پرائي راڌا
مون ڏي پنڌ ڪيا آھن
ماڻھو ماڻھو من ٻہ ساڳيو
ھر ڪنھن ترنيءِ تن ٻہ ساڳيو
ساڳيو گنگا گھاٽ ٻہ آھي
جنھن تي گپيون گج اتاري
پنھنجا لڱ لسائن ٿيون
جر سمورو ڏيئا ٿي ٿو
اھڙا ڏيک ڏسائن ٿيون
ھيرون تن جي تن جي خوشبو
گل گل کي پھچائن ٿيون

ساڳي لڙھہ لڙاٽيل جمنا
چانڊوڪي جا ڏيک انھي تي
ھڪڙي تارن ريک انھي تي
جيڪا واٽ ٻڌائي ٿي
پرئين پار پريتم جي

جنهن وٽ جيون با معنيٰ
جيڪو بين وڄائي ٿو
پنهنجي سُر سان ساوڻ جا
سارا سانگ سجائي ٿو

ساڳي مندر چانئٺ آهي
جنهن تي سيس نمائي ڇوريون
جڻ تہ ازل جو ناچ نچن ٿيون
پياسا پياسا نيڻ نچوئي
پنهنجا آتيل انگ مکن ٿيون
ڏيئا ڏيئا تن انهن جا
واريءِ مُٺ جڻ من انهن جا
پوءِ بہ نيڻ جهڪائي پنڊت
کهڙي رٽ لڳائي آهي
جوڀن، جر تي ڦوٽو، ڇاهي
سڀڪجهہ جوٺي مايا آهي
مورک هي بہ نٿو ڄاڻي
جوڀن ٿو ڀڳوان جيئاري
جوڀن رات ڦڳڻ جي آهي
جنهن ۾ کهنبا ويس ڪڙن ٿا
جوڀن گاگهر پاٽياري جي
ڇُلڪا ڇُلڪا ڪاٺ هڻن ٿا
امرت امرت پل آ جوڀن
”ريءُ سرائي سَل“ آ جوڀن
سڀ ڪجهہ ڄاڻي پو بہ نہ ماڻي
ائين نہ ڇئو، اڻ جهل آ جوڀن.

## پرولي

فضا خاموش واهڻ جون
گليون سپ گيان ۾ آهن
سپيئي صورتون تنهنجون
اکين جي ڏيان ۾ آهن
ڀنيءَ جو ولهه واهڻ تي
بدن ۾ ٻاهه ٻاري ٿي
ٿُڻن ٿا انگ شيشي جيئن
تنهائي هانو ڏاري ٿي
لڱن جي لام تي ويهي
نچين ٿو ناچ تون مون ۾
ازل جي اُڃ اکڙين ۾
تکيان ٿي تنگ رستن کي
اجان هن واٽ جي ور تي
تتل واري ۾ ويٺن جيئن
پئي آ سوکڙي تنهنجي
ڪٺان ٿي، ٿيون سکيون ٿوکن
چڏڻ تي دل نٿي سرچي
ڪجل جا ڪس اکڙين مان
ڌوئڻ تي دل نٿي سرچي
ترائي تو پٺيان مون لئہ
وراکو وڄ جو آهي
ڀريان ٿي چرڪ ۾ اکڙيون
الائي ڇا تہ ڳولن ٿيون

اوهان ڪان پوءِ سانجهي جون
گليون سنسان ٿي ويون ۽
سمهي پيا سڏ صبوحن جا
منجهند مُرڪي نٿي مونسان
ذهن ڪي آخري منظر
اچن ٿا ياد ساوڻ ۾
لٿو پي سج سڙنگهون جي
وٽن جي پوئتان رڻ ۾
ترائي جي ڪنڌي تي مان
پريان هيٺاهين رستي تان
هوا ۾ تيز ڪائيندو
وئين پي دور تون ٿيندو
سندءِ مايوس اکڙين ۾
اڌورا سوال هئا ڪيئي
مگر تو ڪون ٿي سمجهيو
مُنهي هن دل جي ٻولي کي
”اچي پاٽي لئه پاٽياري
وساري گهر گهڙولي کي“
مسافر ڪاش سمجهين ها
انهي سولي پرولي کي

## نہ مان آهيان نہ پاڇو آ

وڃي ٿي ٻوڙندي دل جي
ندي بيتاب ساگر ڏي
لمحن جي پينگهہ تي آئون
هلان ٿو دور دلبر ڏي
وڻن جي ڇانو گهاٽي مان
وڃي ٿو ور ڏيئي رستو
ندي جي پٽي ڪناري ڏانهن
جتان ڪان باغ فطرت جو
ٿيئي ٿو همسفر مون سان
هلي ٿو آسمان نيرو
صفا چڻ بيخبر مون سان
فضا ۾ هير جو جهولو
انبن جي ٻور جي خوشبو
ڪڙي پئي آ تصور ۾
پرين جي پور جي خوشبو
پرن جي ڦڙڦڙاهٽ جي
وڃي ٿي بانسري مڌم

پچن ٿا گل آرس ۾
ھوا ۾ گيت ۾ سرگم
پُچن ٿيون پنڌ پيرن کان
پرين جي ڳوٺ جون ڳليون
۾ آئون واٽ تي ويھي
ڏسان ٿو سج کي پرتان
لھي جيڪو پھاڙي تان
صدين جا ٽڪ لاھي ٿو
۾ منھنجي روح ۾ ھڪڙو
عجب اسرار ڳاھي ٿو
ٿي منھنجي دل اھو سوچي
ازل کان ابد تائين جو
سفر ڪيڏو اڙانگو آ
رڳو آ رڄ جو صحرا
رڳو ھڪڙو ئي پاڇو آ
ڊِڪان ٿو جنھن پُٺيان آئون
۾ ٿڪجي ھارجي جنھن پل
ھي سورج ھمسفر منھنجو
سفر ۾ موڪلائي ٿو
تہ چرڪي ٿو ڏسان خود کي
نہ مان آھيان نہ پاڇو آ
رڳو اوندھ ڏسائن ۾
عدم جي ٻاٽ ڪاري آ
پئي ٿھلي فضائن ۾!

## موڪلاڻي

فضا جي چائنٺن تي ھِن
ستارن جا ڏيئا روشن،
اڱڻ جي آخري ڪنڊ ۾
تنھائي ميز تي خالي
گلاسن جيئن پئي آھي،
پريشان حال چڻ آھي
ھوءَ روشن دان ڪمري جو،
بلب جي روشني جھيڻي
الئہ ڪنھن کي پڪاري پئي،
درين جا ريشمي پردا
ھوا ھر ھر اڏاري پئي،
انھن جي پوئتان ڪنھنجو
سڙي ٿو جسم سگري جيئن،
بہ ٽي سگريٽ جا ٽوٽا
وسامڻ کون ٿا چاھن،
بہ ٽي ڳالھين جون سرگوشيون
الائي ڇوھوا خود سان
ڪٺڻ وسري وئي آھي،

ڳليءَ ۾ ڪنهن جي قدمن جي
اجا آهٽ سُتي ناهي،
اجا ڪجهه وقت پيو لڳندو
انهي کي دور اُڪرڻ ۾،
اجا سيٽي وڳي ناهي
انهي سنسان ٽيشن تي،
مگر معمول جي ابتڙ
هلي وئي ريل گاڏي آ
وساري هڪ ڏيو پنتي،
جنهين جي هڪ دري مان، هٿ
هٿن مان ڇڻ ڇُٽا ناهن،
نظر نظرن ۾ ڇڻ آهي
صفا تحليل ٿي ويئي،
پريان وستي جي ڪيتن ۾
وسي ٿي ٿڌ رستن تي،
۽ هلڪي غمزده سُر ۾
وڇوڙو واءُ ڳائي پيو،
وڻن جي بي لباسي ڪان
ڊسمبر موڪلائي پيو..!

